چنڊ ڪڪر جي اوٽ



فياض لطيف





سورھ سنڌي ادب



صاحب خان ·سورھ· ميراڻي

Cell No: 0344 3919786
0300 3404488

چنڊُ ڪڪر جي اوٽ

(شاعري)

فيـاض لطيف

تـخليق پبليڪيشن حيدرآباد

حق ۽ واسطا ان حوالي، جنهن منهنجي روح ۾ ڪوتائون ۽ ڪِوتائن ۾ محبتن جا رنگ نِکاريا

ڪتاب جو نالو : چنڊ ڪڪر جي اوٽ

موضوع : شاعري

سرجڻهار : فياض لطيف

ٽائيٽل : پرويز بلوچ

ڪمپوزنگ : مقبول ڀٽو
يونيورسل ڪمپيوٽر ڪمپوزرس لاڙڪاڻو

ڇاپو : پهريون (نومبر ٢٠٠٢ ع)

ڇپائيندڙ : تخليق پبليڪيشن حيدرآباد

قيمت
سادي ڪاپي 50 روپيه
اوچي ڪاپي 70 روپيه

"ÇHAND KAKAR JEE OAT"
(Sindhi Poetry)

By: Fayaz Latif

Title by: Pervaz Baloch

Composed by: Maqbool Bhutto

Pul :ished by: Takhleeque Publication Hyderabad.

ارپڻا

تنهنجي نانءُ

تـون
جيڪا منهنجي خوبصورت
خواب جي حسين حقيقت آهين.

”تون نہ هُئين، تڏهن بہ تنهنجي ڪَمي هُئي.
تون آهين، تڏهن بہ تنهنجي ڪَمي آهي.
تون نہ هوندينءَ، تڏهن بہ تنهنجي ڪَمي هوندي.
منهنجي زندگي، تنهنجي ڪَمي کان شروع ٿي
تنهنجي ڪَميءَ تي ختم ٿي ويندي....!!“

ڦهاڻي لطيف

ڪنول پبليڪيشن قمبر ڪانپوءِ

تخليق پبليڪيشن پاران نئين ٿهيءَ جي جديد سنڌي ڪوتا جي تخليقار فياض لطيف جو پهريون شعري مجموعو "چنڊ ڪڪر جي اوٽ" جي سري هيٺ ڇپائيندي بيحد سرهائي محسوس ٿي رهي آهيم.

پبليڪيشنون کهڙيون نه هجن، ادارا کهڙا نه هجن پر ڪم ٿيندو رهڻ گهرجي، دنيا جي منافقين ۽ ويساهه گهاتين جي پرواهه ڪرڻ ڪانسواءِ ۽ ٻين ڪيترين ئي مصروفيتن ۽ مشڪلاتن وغيره هوندي به وڪون اڳتي ڪٽي سنڌي ادب ۽ قوم جي ڀلي لاءِ ڪم ڪرڻ گهرجي.

فياض لطيف جي شعري مجموعي "چنڊ ڪڪر جي اوٽ" کان اڳ "رجنيش اوشو" جي مضمونن جو ڪتاب ، "خدا محبت زندگي ۽ موت" ۽ اوريانا فلاشيءَ جو ناول "اڻ ڄاول ٻار ڏانهن خط" ترجمي جي صورت ۾ ڇپجي پڌرا ٿي چڪا آهن. پر سنڌس اصل بنيادي سڃاڻپ هڪ سٺي شاعر واري ئي آهي.

سنڌس شاعري نفيس، ڪومل ۽ سنڌر خيالن، احساسن ۽ جذبن جو حسين مجسمو آهي. جنهن کي من- اکين سان ڏسبو ته روح -شهر منجهه گهر ڪندي محسوس ٿيندو.

منير چانڊيو

چيئرمين

تخليق پبليڪيشن

مهاڳ

سدائين ڪوتا زخم پريا هِن

’روز تــو اُڌڙي پــوان مـــان،
روز ٿي ٽـاڪـا هـٽـي هـوءَ،
مـنـهـنـجـي دل آ چـاڪ دامـن
جنُ سِـبـيـــاري آ ڪـويـتـــا.

آءُ جڏهن پنهنجي ٽيهه سالا ماضيءَ جي راهن ۾ موٽ جي نظر ٿو ڦيرايان، تڏهن درد ۽ تنهائي جون تاريڪ راتيون، ساٿ ۽ مُسرتن جا سُندر لمحا، انيڪ شامن جي دلڪش سحر ۽ پن پن جيان وکيري ڇڏيندڙ پهرن جون سَمرتيون (يادون)، ڪنهن اداس ڪتاب جي ورقن جيان، اج به منهنجي دل جي بادل کي ڌاڌو بي چين ڪري ٿيون ڇڏن ۽ نتيجي ۾ خانه ـ بدوش نيڻن لاءِ ڏينهن تائين ننڊ جو آغوش ڪَندن جو ڪفن بڻجي ٿو وڃي.

دل چوي ٿي، وقت جي صحرا ۾ وکريل سمرتين جي تند تند سَهيڙي، انهيءَ مان آوارگي جي بدن لاءِ ڪوئي آنند جو لباس اُڻجي، پر ڇا ڪجي.....؟ وقت ۽ حالتن کي به سمنڊ جيان پنهنجون سرڪشون ۽ صداقتون ٿيون هجن، جيڪي هزارين حيلن جي باوجود به، ڪڏهن ڪڏهن حاصلات جي هٿن مان ڇڏائي، هوائن جيان الائي ڪهڙي پار اڏامي ٿيون وڃن ۽ پويان حيرتن ۽ حسرتن جو اَجهاڳ رڻ ڇڏي ٿيون وڃن. جيڪو دل جي ديد کي هيڪلي سر، عرصي تائين ڏورڻو ۽ پوڻو ٿو پوي.....!

"اڪـهـي اڪـهـائـي، رنـج پـويـان ڪـي وَسـيـو
چـڪـيـم چـڳـائـي، سـورانـگـهـي سـوريءَ تـان."

(شاهه)

منهنجي لفظن سان پهرين آشنائي، يا منهنجي آشنائي جو، انهن سان پهريون سُبنڌ تڏهن جُڙيو هو، جڏهن سالن کان زبان جي زندان ۾ قيد اقرار

جو پنڇي، خاموشيءَ جون سلاخون ٽوڙي اظهار جي چپن تي مُرڪڻ لاءِ آماده ٿيو هو، پر جڏهن خاموشي، اظهار لاءِ لفظن جو ساٿ سنياريو هو. تڏهن لفظن جون رفاقتون، لمحن ۾ ئي سُڱنڌن جيان الائي ڪيڏانهن اڏامي ويون هيون؟ پتو ئي نه پيو هو، منهنجي گلدان مان لفظن جا هڙئي گل غائب ٿي ويا هئا ۽ آءٌ گلدان جيان، خالي خاموشي ۽ اداسي کڻي پنهنجي ڪمري جي پاڪر ۾، پاڻ کي ڪنهن وڃايل هار جيان اڃي اڇلايو هو.....

ڏينهن پڄاڻان جڏهن، لفظن جون موسمون مون تي بارشن جو بدن بڻجي لٿيون هيون، تڏهن وري دل جي ديوانگي، خاموشي جي دشت ۾ ڀٽڪڻ تي بضد ٿي پئي هئي....

”شبد شبد سب کوئی کهے، شبد کے هاتهه نه پاؤں
ایک شبد اوشده کرے، ایک شبد کرے گهاو.“

(ڪبير)

[لفظ هر ماڻهو استعمال ڪندو آهي، توڙي جو انهن لفظن کي نه هٿ هوندا آهن نه پير، پر ڪي لفظ زخم پريندڙ ته ڪي وري زخم ڏيندڙ هوندا آهن.]

اڻ اظهاريل لفظن جي اضطراب، منهنجي پيرن ۾ آوارگيءَ جون اڻ ڪٿ مسافتون پٽاري ڇڏيون ۽ منهنجو جيءُ جوڳيءَ جي جاڳ بڻجي، ويراڳ جي واٽن ۾ آنند جا نيڻ ووڙيندو رهيو، پر ننڊ کان جلاوطن نيڻ، الائي ڪهڙي راهن جي ٻانهن ۾ وڃايل رهيا؟ ۽ آءٌ بي نشان پيرن پٺيان، تلاش جي تشنگي کڻي عرصي تائين ڀٽڪندو رهيس....

”هم عمر باتو قدح کشیم، و نه رفت رنج خمارما
چه قیامتی که نه می رسی زکنارما به کنارما“

(بيدل)

[عمر ڀر تو سان پيالو پيتو، پر پوءِ به اسان مان رنج جو خمار نه ويو. ڪهڙي قيامت آهين؟، جو اسان جي پاڪرن مان اسان جي پاڪر تائين نه ٿي پهچين......!!]

خبر ناهي؟ ڪڏهن ڪڏهن الائي ڪهڙي بي قراري جي ڇٽنگ اوچتو اچي، منهنجي وجود جي دامن تي ڪِرندي آهي ۽ ڏينهن تائين منهنجون اکيون، اوجاڳن جو مضطرب بدن ٻڌجي ويندو آهي ويندو آهي. آءُ اهو چڱيءَ پرِ ڄاڻان ٿو، ته پٿرن جي شهر ۾، شيشي جهڙي دل رکي، ثابت قدم رهڻ، ڪنهن معجزي کان گهٽ ڪونهي، پر اهو به سچ ٿو هجي، ته سنگتراشن جي ساٿ ۾ آئينو - گرن جي آڇپي ڪي، آهنجن ۽ زخمن جو بدن ئي پلئه پوندو آهي!

"بـه نـخل بـار ورسـنـگ از درو ديـوار مـی بـارد
اگـر اهـل دلـی آمـاده شـو صـائـب! مـلامـت را"

[هر ڦلدار درخت کي پٿرن جو نشانو بنجڻو پوندو آهي. اي صائب! جيڪڏهن تون اهلِ دل آهين، ته پوءِ ان لاءِ هر پل آماده رهج]

دل ۽ لفظن جي ڪائنات جون رمزون، مون لاءِ هميشه انوکي محبوبيت ۽ مجذوبيءَ جيان رهيون آهن، جن کي توڙي جو عمر ۾ سُلجهائيندي، ڪيئي پيرا خود ئي اُلجهي ويو آهيان، پر پوءِ به، جيون جي مسافت ۾، لفظن ۽ دل جي مجذوبي ئي سدائين مون لاءِ روشنائي ۽ رهبريءَ جو ڪردار پئي ادا ڪيو آهي، تنهن ڪري ديوانگي ۽ دانشمندي، منهنجي خانه بدوش دل جي اُها دين آهن، جنهن يزيد - جڳ ۾، هميشه منهنجي معصوم محبتن جي محافظي پئي ڪئي آهي.

"راه زيـــس ديـــده وران، پُرس کـــه درگـــرم روی
جاده چون نـبـض تـپـــان، درتـن صـحـرا بـيـنـنـد"
(غالب)

[رستي جو پتو انهن ديده ورن کان پڇو، جيڪي هڪ تتل نبض وانگر پنهنجي مسافت جي گس کي صحرا جي تن بدن ۾ پَسندڙ ٿا هجن]

تشنگي ۽ حاصلات جي خُسناڪي، مون ۾ هميشه آنند ۽ آڇپي جو اتساهم پيدا ڪندي رهي آهي. ان جي پنڌ پويان منهنجي پيرن جا ڪيترا ڪشالا ۽ نيڻن جون ڪيتريون ننڊون اوجاڳيل رهيون آهن....؟، تنهن جي ڪَٿ جو ڪاٿو، منهنجي عقل جي آگهي کان سدائين اُتانهون ۽ اڻ ڪٿيو ئي

رهيو آهي. مون جڏهن بہ پيچرن ۾، پنهنجي پنڌ جا پيرا ووڙڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، وقت جي پاڳل ۽ بي هوش هوائن جا هٿ، انهن جي نشانن کي ميسارڻ ۾، مون کان هميشہ گوءِ کٽي پئي ويا آهن، پر پوءِ بہ منهنجي جستجو ۽ جاڳ جا نيڻ ٿَڪا ناهن...

آءُ انيڪ واٽن ۾ ڀٽڪڻ تائين آوارگيءَ کان پوءِ، جڏهن بہ پنهنجي آشياني (پنهنجي ڪمري، جيڪو منهنجي وجود لاءِ پناهہ گاهہ ۽ آغوش جيان آهي.) ڏانهن ورندو آهيان، آڇيي جي وينگس کي ڳليل ٻانهن سان پاڻ لاءِ منتظر پسيو اٿم، تنهنڪريءَ آءُ جڏهن بہ ٿڪو آهيان، ثابت قدم ٿي ٿڪو آهيان...

ماڻهوءَ جي مٽيءَ کي پروڙڻ ۽ پَرجهڻ ڏاڍو مشڪل ۽ اوکو ٿو لڳي. هن جو وجود انيڪ رنگن ۽ روپن جو اهڙو نرالو امتزاج ٿو لڳي، جنهن جي پوري پروڙ لاءِ ڀهاڙن جيڏي اڏولتا ۽ سمنڊن جهڙي گهرائي ٿي گهرجي. آدمي، جيڪو ڌرتيءَ تي اسرار جي هڪ اونهي ساگر جيان آهي. جنهن جو ادراڪ آسماني وسعتن کي ويچاري، هڪ مُٺِ ۾ سمائي سگهي ٿو. جنهن جي سوچ جي سرمستي سمنڊ کي مات ۽ جنهن جي آرزو جو تيشو پهاڙن کي بہ پرزا ڪري سگهي ٿو، ان ٿي آدم ذات کي، جڏهن ڪنهن سمي، ڪو ننڍڙو ڪنڪر ٿي پيچي پُوري ٿو وجهي، تڏهن عقل ۽ آگهيءَ جون سڀئي سُلجهائون ۽ آشنائيون بي سبب ۽ بي سمت ياسڻ ٿيون لڳن....

"اسرار ازل را نہ تو داني و نہ من
وين صرف معما نہ تو خواني و نہ من
هست از پس ماپرده من و تو
چون پرده بُر افتد نہ تو ماني نہ منَ.

(حافظ)

[ازل جي اسرار کي نہ تو پَرجهيو نہ مون. هي ڳجهہ جي ڳنڍ ڏاڍي ڳوڙهي ٿي لڳي. "تو" ۽ "مون" جي وچ ۾ هڪ اهڙو پردو حائل آهي جنهن کي جيڪڏهن هٽائبو تہ، نہ "تون" رهندين نہ "مان"......]

هي دُنيا، جنهن کي مون جڏهن بہ جيءَ جي نيڻن سان نهاريو آهي، ان

جي وجود جي نس نس ۾، مون لفرتون ۽ فريب، رت جي گرم گردش جيان محسوس ڪيا آهن، پر آءٌ چاڻان ٿو، ته ڪنول جي گل جو جنم هميشه سينواريل ڍنڍ جي ڪُکِ مان ئي ممڪن ٿيندو آهي، تنهنڪري مون کي جڏهن به خودغرضي ۽ لوڀ جي آگ جي ٻي چين آڙاهه ڪانسواءِ، هن سودخور سماج جي ٻي حس نيٽن ۾، ٻيو ڪجهه به نظر ڪو نه آيو آهي، تڏهن برٽينڊ رسل جي هيٺين سِٽن جو آواز، منهنجي من - مسجد ۾ اميد ۽ آنند جي آذان بڻجي هميشه گونجڻ لڳو آهي.

"The world in which we exist will passaway, burntup in thefire of its own hot passions and from its ashes will spring a new and younger world, full of fresh hope, with light of morning in its eyes."

[هي دنيا، جنهن ۾ اسان جي رهيا آهيون، هڪ ڏينهن پنهنجي ئي ڪروڌ جي آگ ۾ ڀسم ٿي ويندي ۽ ان جي خاڪ مان هڪ اهڙو پُربهار ۽ نئون جهان جنم وٺندو، جنهن جا نيڻ، نئين امنگن ۽ صبح جي سُندر روشنين سان پُرنور ۽ سرشار هوندا!]

اڪثر ڪري هن سماجي سرشتي ۾، ماڻهوءَ کي الاهي شيون موروثي طور ملندڙ ٿيون هجن. هاري ڪان وٺي لوهار، موچي، ڪوري، سرمائيدار، فنڪار، سرجڻهار، معلم، مڪينڪ، واڍي ۽ ٻين زندگي جي مختلف ڪاروهنوار سان وابسته انيڪ فلاحي، فڪري ۽ فني شعبن تائين جا سلسلا ان حوالي سان هڪ مثال ٿا هجن. صدين کان وٺي گهڻي قدر انهن مذڪوره فردن جو ورثو سندن وارثن طرف ان طرح منتقل ٿيندو رهيو آهي. توڙي جو آءٌ به ان ئي طبقاتي سماج جو فرد آهيان، پر منهنجي قسمت جي ڪشڪول ۾ اهڙي ڪنهن به ورثي جو وکر ڪو نه آيو آهي. انهيءَ لاءِ ڇا چئجي......؟

ڪڏهن ڪڏهن گهڻو ڪجهه چوڻ جي باوجود به حصول جا هٿ خالي رهجي ويندا آهن، پر ڪڏهن ڪڏهن ڪجهه به نه چوڻ ڪان پوءِ به هڪ عجيب تسلي ۽ تشفي حاصل ٿي ويندي آهي. مون کي پنهنجي معاملي ۾ به اڪثر ائين ئي پاسيو آهي.

منهنجي جود جي بنجر متيءَ مان شاعري جو گلاب ڪيئن سرجيو؟ منهنجي ساڃاهه ۽ سُرتِ کي اهڙن سندر ۽ سڳنڌ - ڀريئي لفظن جو سُڳنڌ ڪيئن حاصل ٿيو...؟ منهنجي نيڻن کي سپنن جا اهڙا خوبصورت رنگ ڪنهن عطا ڪيا؟ منهنجي خيالن ۾ خوشبوءِ جو بدن ڪنهن مَهڪايو؟

منهنجي اداسين ۾ آڇپي ۽ اُمنگ جا رنگ ڀري، منهنجي روح کي روشنين ۽ راحتن سان ڪنهن آشنا ڪيو؟ منهنجي تخيل کي تازگي ۽ تازگي کي تشنگي جا چپ ڪنهن ارپيا؟

منهنجي چپن تي لفظ، نغمن جو رقص ۽ نغما محبتن جو گيت ڪيئن بڻيا؟

ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن سرمديءَ جي سڏِ کي اظهار جي ساغر/ڪٽوري ۾ اوتڻ ڪيڏو نه اوکو ٿو هجي....!

مون جڏهن به ان سُرتِ ۽ سُندرتا جي سرمستي کي لفظن ۾ اوتڻ جي ڪئي آهي. مون جڏهن به ان خواب جهڙي حقيقت ۽ حقيقت جهڙي خواب کي لفظن ۾ اظهارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، منهنجي اندر ۾ عجيب سرمستي ۽ سرمدي جون لهرون ته موجزن ٿيون آهن، پر اظهار جي حاصلات جون اکيون پوءِ به اڃايل ئي رهجي ويون آهن...

"حقيقت هن حال جي، جي ظاهر ڪريان ذري
ته لڳي ماٺ مِون کي، ڏونگر پون ڏري
وڃن وڻ ٻري، اوڀڙ اُڀري ڪينڪي"

(شاهه)

منهنجي شاعري ڏانهن لاڙي ۽ رغبت جو سبب شايد اندر ئي اندر منهنجي متيءَ ۾ موجود هجي. پر جيتري تائين ورثي ۽ ماحول جي اثر جو تعلق ٿو هجي، ته منهنجي سانير جي عمر تائين، مون کي ان جي پيري ۽ نشان جي يادگيريءَ جو ڪو پرو ڪو نه ٿو پوي.... ها نصابي ڪتابن جو ڪيڙو ضرور هوس. ايتري تائين جو لائيٽ نه هجڻ جي صورت ۾ به بتيءَ تي ڪجهه نه ڪجهه پڙهڻ ڪان پوءِ ئي ننڊ جو آغوش نصيب ٿيندو هو، پر ادب ۽ شاعري، انهن ڏينهن ۾ مون لاءِ ناآشنا ۽ اجنبي ديس جو اهڙو ڏڳ

جي باوجود بہ ڪويتا جي ڪاڪ مون لاءِ پوءِ بہ ڳجھہ ۽ معمي جو بدن رهي آهي. الاهي پيرا مون کي ائين ڀاسيو آهي، تہ شاعري کي مُون لکڻ بدران، شاعري مون کي لکيو آهي.

شاعري منهنجي آنند جو گس بہ آهي، تہ منهنجي اظهار جي پناهہ جو آغوش بہ.... تنهنڪري اهڙي صداقت ۽ سرمستي، جيڪا عمر ڀر مون سان هڪ ڏيءِ جي احساس ۽ آتت جيان رهي آهي، تنهن لاءِ مون وٽ بيان ۽ منطقي بحث بدران فقط اتاهہ اُنس، تشنگي جهڙي تسلي ۽ عجيب پيار جو احساس ئي آهي، جيڪو اظهارِ بيان ڪان بحرحال بالاتر ۽ ممتاز ٿو هجي... ڀلا! خوبصورت ۽ آنند جهڙي سرور کي ڪڏهن ڪو بيان بہ ڪري سگهيو آهي ڇا....؟

محبوبن جي مسافت جي پيچري ۾، ملاقاتي ٿيندڙ مہ جبين جهڙي شاعري لاءِ آءٌ ڇا لکان....؟ جنهن مون جهڙي اڻ گهڙي مورتيءَ کي، پنهنجي تراش ۽ تابندگي بخشي، آرزو ۽ آجپي جي انوکي احساس سان آشنا ڪيو. جنهن منهنجي تخيل ۾ تشنگي ۽ تشنگي ۾ تڙپ جو بدن بيدار ڪيو. حقيقت اِها آهي، تہ مون جڏهن بہ شاعري جي جمال ۽ ڪمال بابت ساڃاهڻ ۽ ويچارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، منهنجي خوابن جا نيڻ خانہ بدوش ۽ بي چين بڻجي ويا آهن. مون جڏهن بہ شاعري ڇا آهي؟ ان جي سرجڻ جا ڪارڻ ڪهڙا ٿا هجن؟ ۽ اها ڪهڙو سماجي ڪارج ادا ڪندڙ ٿي هجي؟ جهڙن سوالن کي سُلجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، تڏهن سچ تہ منهنجي آگهيءَ جون سيئي آگريون سدائين اُلجهاءَ جي زلفن ۾ اُلجهي پئي ويون آهن. يقيناً عالمن ۽ پارکو پُرشن وٽ انهن سوالن بابت ڪيترائي جواب ۽ جواز هوندا، پر ضروري تہ ڪونهي تہ هر سوال جو جواب ۽ جواز، ان سوال ۾ موجود صداقت جو جمال ۽ جولان بہ پسائي سگهندڙ هجي! ڪنهن سائنسي فارمولي جي سوال جو جواب ۽ منطق، تہ آساني سان سمجهائي ۽ ٻڌائي سگهجي ٿو، پر ڪنهن گل جي سُندرتا ۽ سونهن جي سوال جي جواب لاءِ وضاحتن ۽ دليلن بدران هڪ حساس دل ۽ نيڻن جي پُر جمال بصيرت جي ضرورت زياده ٿي هجي.

شاعري جي ڇو، ڇا، ڪيئن ۽ ڪارج بابت سوالن جا جواب ته سوين ئي سگهن ٿا، پر ان جي هر جواب ۾ انيڪ وضاحتن جي باوجود به هڪ عجيب تشنگي ۽ طلب جي ضرورت ٿي رهي، جيڪا هزارين حيلن جي باوجود به بيان ٿي وڃڻ بدران اڻ بياني رهجي ٿي وڃي... ڇا ڪوئي ٻڌائي سگهي ٿو، ته اداس راتين ۾ ڪينجهر جي پاڻيءَ تي رقص ڪندڙ چنڊ جي ڪرڻن جو ڪارج ڪهڙو ٿو هجي؟

گل جي پتين تي پونڊڙ ماڪ ڦڙن لاءِ سدائين سج جي چمي ايتري منتظر ۽ پياسي ڇو ٿي هجي؟

ڪنول جو گل جڏهن سينواريل تلاءَ ۾ ٽڙي ٿو، تڏهن تلاءَ جي گدلاڻ کي به تازگي ڇو ٿي عطا ٿي وڃي؟ سورج مکيءَ جا نيڻ سج جي سجدي لاءِ ايترا بي چين ۽ اوجاڳيل ڇو ٿا رهن؟

سپي، سمنڊ ۾ موجود هئڻ جي باوجود به ايتري پياسي ۽ منتظر ڇو ٿي هجي!؟

ڪنارن جي ڀاڪرن ۾، سدائين سمنڊ جو بدن هئڻ ڪانپوءِ به، انهن کي ڪهڙي تشنگي جي چٽنگ تڙپائيندي ٿي رهي؟

سنگتراش جي آڱرين ۾ ٿي، مورتي جي تراش جو مقدر ڇو ٿو هجي؟

مصور جو برش ٿي رنگن کي روح ۽ رونقون ڇو ٿو عطا ڪري؟

ڪنهن راڳي جي آواز جو سوز ۽ پڙاڏو ڪهڙي راحت جي خوشبو ۽ ڪهڙي خوشبو جي راحت جي پُڪار ٿو هجي؟

اکين کان بي سبب رُسي ويل ننڊ جا نيڻ، آٿت جي آغوش سان آخر ڇو نه ٿا ريجهن؟ پوئيل اکيون جاڳندڙ خواب ڇو ٿيون ڏسن؟

هجومن ۾ به من جي هيڪلائي جو جواز ڪهڙو ٿو هجي؟

دنيا جي عجائب خاني ۾ اکين جي خانه بدوشي ڪهڙي دل جو آغوش طلبيندڙ ٿي ٿئي؟

اهڙا ۽ ٻيا اهڙي قسم جا اليڪ سوال، منطق ۽ دليل بدران صرف محبت ۽ احساس جي دل جا گهرجائو ٿا هجن. ڇو ته شاعري، من جي اڪيلائي ۽ ايڪانيت جو اهو محبوب ۽ سرمدي آواز آهي، جنهن کي خدائي

هئا. جنهن تان منهنجي خواب جو پيرو بہ شايد گذريو هجي، پر ہوء ڪَوِتا جي ڪاڪ ۾ منهنجي من جو ميندرو کهڙي پل موهہ جي مومل جي رنگ ۾ رَتو... منهنجي خيالن جو خالي پانڊ لفظن جي گلابن سان ڪيئن مَهڪيو...؟

چوڻ لاءِ تہ دل گهڻو ڪجهہ چوڻ ٿي چاهي، پر ڪبير جي هيٺين لفظن ۾ ڪجهہ اهڙو ئي روح ۽ راز سمايل آهي، جيڪو جڻ تہ منهنجي ڪَوِتا - سفر جو سهڻو ۽ سندر محرڪ پيش ڪندڙ ٿو لڳي...

"چندن اُگيو بن بهيڙ ميں، رون کی هے من آس
ميں بهی چندن تهيساں، چندن سُگندی واس".

[ڪنهن دشت ۾ چندن جي درخت جنم ورتو، جنهن جي سُگند ۽ سُندرتا کي پَسي، هڪ ننڍڙي ٻوٽي جي جيءَ ۾ بہ چندن بنجڻ جي آس جاڳي.....]

جيئن هن پوري ڪائنات جو ماندڻ، انيڪ سببن ۽ ڪارڻن جو انوکو سحر رکندڙ ٿو هجي، تيئن ئي احساسن ۽ جذبن جي دنيا جو بہ پنهنجو هڪ جهان ٿو هجي، جنهن جي هر ساعت کي پنهنجي سرمدي ۽ سُندرتا ٿئي ٿي. ڪو وقت هو، جڏهن ڪنهن يڪشوءَ جي ڪشڪول جيان منهنجي حاصلاتن جو جهول لفظن جي سِڪن کان خالي هو. منهنجون آڱريون لفظن جي نفاست ۽ حَسناڪيءَ کان ناآشنا هيون. منهنجي اِڇائن ۾ لفظن جي حاصلات جي عجيب آرزو هئي، جنهن تڪميل جي مسافت ۾ آنند بدران رڳو زخمن جو بدن ڪمايو..... پر پيار جڏهن پنهنجي زلفن جا ڇانورا چوڙي، آرزوءَ جي آغوش ۾ آيو، تڏهن نہ ڄاڻ لفظن جا نفيس ٿانَ ڪئين قالين بڻجي، ڪَوِتا - ڪامنيءَ جي پيرن ۾ پٿارجندا ويا....

"Love, divine spark, Love so rare, when it comes down to the earth wafted by the eastern wind, men have spread the carpet of poetry beneath its tread."

[محبت، جيڪا اَملهہ ۽ ڪائناتي جمال جو جلوو پسائيندڙ ٿي هجي، جڏهن پورب جي هوائن سان پرتويءَ تي پير پڌاريندي آهي، تڏهن عَشاقن

جون آجيائون سندس قدمن ۾ ڪوِتائن جو قالين پٿاري ڇڏيندي يون آهن]

منهنجي خيالن جي بي چين آڳرين، جڏهن لفظن جي نفيس بدن کي ڇُهيو، تڏهن ڪاغذ جي ڪئنواس تي منهنجي احساسن جا عجيب خواب - رنگ پکڙجندا ويا. ان پل خود آءُ به پنهنجي انهن ڪيفيتن تي حيران هوس، پر انهن حيرتن جهڙي حقيقتن، آهستي آهستي منهنجي وجود جي ڪنهن ڪُنڊ ۾ گوشه نشين گيڙو پوش ڪوِتا ڪار کي دريافت ڪري ورتو ۽ شاعري منهنجي اوجاڳيل ۽ بي چين آرزوئن لاءِ اهڙو حبيب هنج بڻجي وئي، جنهن جي آغوش کي آءُ انيڪ خواب ۽ خيال ارپيندو رهيس. وقت جي رڻ ۾، حالتن مون لاءِ جڏهن به پٿرن جا پيچرا پٿاريا آهن، تڏهن شاعري سدائين منهنجي زخمن جي بدن تي زندگي جا ڦها رکڻ جو عمل پئي ادا ڪيو آهي.

سدائين خوابن سندي خدائي
سدائين پيرن آ پنڌ ڀڳاڻيو.
سدائين ڪاغذ بدن رهيو آ،
اسان جي آڳر سندو جياپو،
سدائين ڪوِتا زخم پُريا هِن،
سچي ٿي دل آ اسان جي ٽاڪو.

ميان ٿو، شاعري اها دوشيزه ٿي هجي، جيڪا هڏي جي مِڪَ تي پلجي جوان ٿيندي آهي، پر مون لاءِ ڪوِتا سدائين ان مهربان محبوبه جيان رهي آهي، جنهن جي ساٿ ۽ سنگم، منهنجي جيءَ ۾ جياپي جي محجوبي ۽ مجذوبيءَ جو روح بيدار پئي ڪيو آهي...

شاعري مون لاءِ فقط لفظن جي مالهائن ۾، جذبن ۽ احساسن جا موتي پوئڻ جو نالو ناهي، پر اها منهنجي آنند ۽ آجپي جو اهڙو جواز ۽ شناخت به آهي، جنهن جي بيان لاءِ سچ ته منهنجي لفظن جي پوري سگهه ۽ اظهار جي ساري اميري اڻپوري ٿي پاسي. ڪڏهن ڪڏهن منهنجي فهم ۽ آگهي کي حيرتن جو جزيرو ويڙهي ويندو آهي ۽ آءُ خود شاعري جي رازن ۽ رمزن کي پروڙڻ لاءِ حاصلاتن جا پنڌ پڇائيندو آهيان. پر انيڪ ويچارن ۽ وضاحتن

صداقت جيان پنهنجي سڳنڌ ۽ سُندرتا هوندي آهي. جنهن جي سحر ۽ ساحري کي فقط اهي دليون ئي سٽي ۽ ساچاهي سگهنديون آهن جيڪي موهہ جي مجذوبي سان زندهہ ۽ ڌڙڪندڙ هونديون آهن.

شاعري، خوشبو جو بدن ۽ اُهي خواب ۽ خوبصورتيءَ جا نيڻ ٿي هجي، جنهن جي ڪلا ۽ ڪارج جو مفهوم، ان جي اظهار ۽ ادا جي حُسناڪي ۽ حقيقت ۾ سمايل ٿو هجي ۽ حُسناڪين جون حقيقتون اهي دليون ۽ نيڻ ئي پَسي ۽ پروڙي سگهندا آهن، جن جي آرزو ۽ آڇپي جو، عشق جي امرت سان وضو ساريل / ٿيل هوندو آهي.

"شعر برابر سِڪا ناهن، پوءِ بہ آهيون ڌنوان
ڪوئل ڪنهن لئہ ڳائي ٿي؟ سو ڇا سمجهن نادان"
(ادل سومرو)

جيتري تائين موضوعن جو تعلق ٿو هجي، تہ هن پوري سنسار جو حُسن ۽ حقيقت، اضطراب ۽ آڇپو، منهنجي شاعري جي احساس ۽ اظهار جو روح ٿا هجن. مون لاءِ شاعري، لفظن ۽ جملن جي ڊڪاٽڪي بدران مجذوب دل جي اُمنگن ۽ آرزوئن جي احساساتي اظهار جو نانءُ ٿي هجي. مٽيءَ جي سڳنڌ ۽ محبوب جي جمال، هميشہ منهنجي جيءَ ۾ جذبن جي سمنڊ کي موجزن پئي ڪيو آهي.

"Poets are not migratory birds. A poet without native land/beloved and without heart and home, is tree without roots, a bird without nest" (Rasool Hamztav)

[شاعر خانہ بدوش پنڇي ڪو نہ ٿا هجن. اهي ڪويتا ڪار، جن کي ڌرتي/ پريميڪا، دل ۽ پنهنجو آشيانو ڪو نہ ٿا هجن، اهي بنا پاڙن درخت ۽ بنا آکيري، پرندن مترادف هوندا آهن]

حقيقت ۾ شاعري، ذات جي ڪٿا ٿي هجي. اها بي ڳالهہ آهي، تہ ان ذات ۾ ڪائنات جي سچ ۽ صداقت جو روح سمايل ٿو هجي. مون پنهنجي عمر ۽ آڇپي جي گس ۾، شاعري کي سدائين خودشناسيءَ جواهو پيچرو ۽

ماڳ پئي محسوس ڪيو آهي، جنهن جي مسافت ۾، طالب ڪان مطلوب ۽ مطلوب ڪان طالب تائين جي آگهي ۽ حاصلات موجود ٿي هجي. مون ڪي شاعري جي سحر ۾، هميشه ان حُسنِ جانان جو جلوو ۽ عڪس جهلڪندي نظر آيو آهي، جنهن جي بدولت منهنجي دل جي ديد اڄ به آچي ۽ امنگ جي روح ۽ روشني سان پُرنور ٿي هجي. اهو ئي سبب آهي، جو منهنجي شعرن ۾ اکين، چنڊ، سمنڊ جي سرڪشين ۽ فطرتي حسناڪين جو ذڪر ڪثرت سان ٿو هجي. مون لاءِ اکيون اهڙي آرسيءَ جو استعارو آهن، جن جي ديد ذريعي روح جي گهرائين تائين لهي، وجود جا سارا راز ۽ اسرار پروڙي ۽ ساڃاهي سگهجن ٿا ۽ سمنڊ مون لاءِ مجذوبي ۽ محبوبيءَ جي سراپا اها صداقت آهي، جنهن جي جوش ۽ جمال ۾، زندگي جي حقيقت ۽ سرمستيءَ جي، پوري سونهن ۽ سوڀيا موجود ٿي هجي.

سراپا سُندرتا، سڪيءَ جون اکيون،
ڪويءَ جي ڪويتا، سڪيءَ جون اکيون.
ڪڪر، سمنڊ، ساحل، ستارا، ڪتيون،
نيارا نياپا، سڪيءَ جون اکيون...

ڏرتي منهنجي شاعري ۾ اهڙي دل جي استعاري مترادف ٿي هجي، جنهن جا لڙڪ ۽ مرڪون پئي آملهه ٿا هجن، انهيءَ ڪري منهنجي لفظن جا نيڻ، مٽيءَ جي خوابن ۽ منهنجي ڪويتائن جو روح، ان جي خوشبوئن سان واسيل ۽ واڳيل رهيو آهي....

هجومن جي دنيا ۾ هيڪل ئي هيڪل
ڪيونسين هميشه پنن سان پچارون.
مٽي ۾ ئي صورت ڏٺي سين سدائين،
مٽي ۾ ئي مورت پسيونسين نهارون...

دنيا جي 36 موضوعن مان، جيڪي موضوع به منهنجي شاعري ۾ موجود آهن، مجموعي طور تي انهن ۾ محبتن ۽ پريم جو رنگ نمايان آهي، ڇو ته محبتون ۽ چاهتون، مون لاءِ اها معجزاتي قوت رکندڙ ۽ حسين حقيقت ٿيون هجن، جن جي دم سان ئي هن دنيا جو وجود نه صرف قائم ٿو هجي،

پر هن بي حس سماج ۾ سندرتا ۽ جياپي جي آڻت جو احساس ٻه پاڻ کي ان جي بدولت ئي ميسر آهي.

مون کي پنهنجي شاعري لاءِ ڪائي دعوٰي ڪونهي. ان ڪري آءٌ پنهنجي ڪويتائن لاءِ نه ڪنهن خوشفهمي جو شڪار آهيان، نه ئي وري انهن بابت مون کي ڪائي غلط فهمي ئي هجي. مون جيڪو ڪجهه لکيو آهي، پنهنجي داخلي ۽ خارجي حقيقتن جي حوالي سان لکيو آهي. مون جيڪو ڪجهه سرجيو آهي، ان جي هر سِٽَ ۾ منهنجي آچپي، اوسيئڙي، آنند، بي چيني ۽ دل جي حضور جي شموليت سان گڏ، ان خواب ۽ حقيقت جهڙي حُسنِ جانان جو احساس ٻه شامل رهيو آهي، جنهن جي محبتن منهنجي آڱرين کي تخليق جي رعنائين سان روشناس ڪيو.

جاچنا ۽ ڳولا جي پنڌ ۾، منهنجي آرزوئن جيتري ٻه مسافت ڪئي آهي، منهنجون ڪوتائون، ان سفر جي وارتا ۽ سرگزشت ٿيون هجن. تخليقي سفر ۾، منهنجي دل جو، جيڪو پورهيو ۽ مزدوري شامل آهي، ان جي اُجوري لاءِ منهنجي اندر ۾ ڪو ٻه لوڀ ۽ طمع ڪانهي. منهنجي پورهئي ۽ پيار جو بهترين اُجورو خود منهنجون ڪوتائون ئي ٿيون هجن.

”سواءِ گردِ راهِ شوق، کيا رکها هے قصے ميں
همارى زندگى خانه بدوشوں کى کهانى هے
کسى سے پوچهتے کيا هو، جبينوں پر نظر ڈالو
لکيريں خود کهيں گى، کس نے کتنى خاک چهانى هے“
(رفيع الدين راز)

آءٌ ڏک، پيڙائن ۽ شديد مسرتن جي لمحن ۾ ڪجهه ٻه لکي ڪونه سگهندو آهيان، انهن پهرن ۾، منهنجي جيءُ جو بدن صرف ڀوڳنائون ڀوڳيندو ۽ منهنجي من جون اِڇائون، مسرتن مان محضوض ٿينديون آهن. اهي ڪيفيتون، مسلسل منهنجي خيال ۽ فڪر جي گهڙي کي مسرتن ۽ پيڙائن جي پاڻي سان تمتار ڪنديون رهنديون آهن ۽ جڏهن مسرتن ۽ پيڙائن جا ڀريل بادل دل جي ويران رڻ تي برسي ويندا آهن. من چوڏسا آلي مٽيءَ جي سڳنڌ سان واسجي ويندو آهي. موسمن جا نيڻ مرڪن سان

ڀِڪي پوندا آهن، تڏهن منهنجي خيال ۽ تخيل جا پنڇي ڪاغذ جي آڪاش تي پرڙا ساهي اڏامڻ لڳندا آهن.

شاعريءَ جون سڀئي صنفون، مون لاءِ پرينءَ جي آغوش جيان آهن، پر انهن مان نظم منهنجي محبوب صنف ٿو هجي. نظم جي ساغر ۾، آءٌ پنهنجن جذبن ۽ احساسن جو امرت آساني سان اوتي سگهندو آهيان. نظم مون لاءِ ان رباب جي بدن جيان ٿو هجي، جنهن جي هر تار ۾ آڳر جي ڇهاءَ سان روح جي مور جي رڙ جو آواز ۽ احساس محسوس ڪري سگهجي ٿو.

سنڌ جي ڪَوِتا - ڪيتر جي ايڏي وڏي قافلي ۾، منهنجي تخليقي مسافت جي، وقعت ۽ حيثيت ڇا ٿي هجي؟ يا پنهنجي سيهوڳي سرجڻهارن ۾، آءٌ ڪهڙي ٿهي / نمبر ۽ مقام جو مستحق آهيان...؟ اهي سوال مون لاءِ ثانوي حيثيت جا حامل ٿا هجن، جن پويان مون ڪڏهن به پنهنجون قوتون ۽ توانائيون ڪو نه وڃايون آهن. شُهرت ۽ ناموس جي ظلب آدميءَ جي فطري ڪمزوري ٿي هجي، پر ان جي سراب پويان اَجائي ڊوڙڻ بجاءِ مون سدائين پنهنجي ڪوتائن ۾، دل جي مزدوريءَ کي ترجيح پئي ڏني آهي.

منهنجون ڪوتائون، منهنجي قلبي وارتائن جو آئينو ۽ اولڙو آهن. انهن ۾ ڏک ۽ مسرتن جا جذبا به منهنجي ذات جي خارجي ۽ داخلي تجربن ۽ احساسن سان وابسته ٿا هجن، پر جيڪڏهن ڪنهن پُرش جي دل جي درد تي، اهي ڪنهن آٿت جي ٿڌي ڇنڊي جيان ٿا پون، يا منهنجي شعرن ۾ موجود درد ۽ پيڙائن جا ويچار، ڪنهن ڪنوَر دل جي جيءَ تي، احساس جي دستڪ جو سبب ٿا بڻجن، ته ان آنند ۽ پيار ڪان وڌيڪ ملهائتو، مون لاءِ ٻيو ڪهڙو احساس ٿي سگهي ٿو....؟

مان ڪو نه ٿو چوان، ته منهنجون ڪوتائون ڪو علاوالدين جو چراغ آهن، جن جي اپياس سان دل جي انڌن کي به ديد جي روشني عطا ٿي ويندي، پر پنهنجي ڪوتائن جي حوالي سان مون کي ايترو وشواس ضرور آهي، ته اهي ڪنهن زنده دل پرش جي ياد جي بند دريءَ تي، پيار جي دستڪ ۽ ڪنهن اداس متلاشي جي من لاءِ، آٿت ۽ ڏڍ جو احساساتي سهارو يقينا ٿي سگهن ٿيون....

منهنجي لاءِ ادب / ساهت ان جهان مترادف آهي، جنهن جي جياپي ۾ هر پُرش / فرد جو، پنهنجو پنڌ ۽ پيچرو ٿو هجي، توڙي جو، اهي هڪبِئي سان سماجي ۽ فڪري طور تي سلهاڙيل ٿا هجن، پر وجود جي خارجي ۽ داخلي وارتائن ۽ بصيرتن سبب، انهن جي اظهار ۽ احساس جا رنگ ۽ روپ الڳ ۽ نرالا ٿا ٿين.

اظهار ڪرڻ ۽ پنهنجن پيارن سان اندر اورڻ، انساني فطرت ۾ شامل ٿو هجي. آءٌ پنهنجي ڪَوتائن جو هي ڳٽڪو "چنڊ ڪڪر جي اوٽ"، انهيءَ جذبي تحت ئي شاعري ۽ ادب سان اُنس رکندڙ انهن پارکو ۽ پيارن لاءِ پيش ڪري رهيو آهيان، جن جون دليون، اڄ بہ ڪنهن ديپ جيان ديارِ دشت ۾ اوجاڳيل ۽ منتظر ٿيون هجن، جن جي اکين ۾ اڄ بہ خواب، خوابن ۾ حسرتون، حسرتن ۾ حسناڪيون ۽ حُسناڪين ۾ محبتن ۽ آجپي جو احساس موجود ٿو هجي. جن جا نيڻ، اڄ بہ ڪنهن حسين منظر ۽ محبوب نظر جا متلاشي ٿا هجن جن جي آرزو ۾ اڄ بہ ڪنهن چنڊ جي تمنا بيدار ۽ بي چين ٿي هجي ۽ جن جي احساسن ۾، لفظن جي روح ۽ جذبن جي سرمستيءَ کي سمجهڻ ۽ ساڃاهڻ جي سُرت ٿي هجي.

آخر ۾ آءٌ انهن سيني پرين - پيارن جو ڳٽائتو ۽ ٿورائتو آهيان، جن هن پيار ۽ دل جي پورهئي جي سهيڙ ۽ سنوار ۾، سهڪار ۽ محبتن جو هٿ ونڊايو آهي.

فياض لطيف

۲۴ آڪٽوبر ۲۰۰۲ع

فون: (0741) 462093

ايڊريس:

ليڪچرر

(سنڌي شعبو)

گورنمينٽ ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻو



شاعري، پيار ڪندڙ دل جي احساسن جو رقص آهي. فياض لطيف جي شاعري پڙهندي، اڪيون عشق جي اسرارن کي پنهنجي وجود ۾ ڳولڻ لڳن ٿيون ۽ دل پيار جي پرورڙ ڪي پاڻ ۾ پائي ٿي. مون کي فياض لطيف جا نظم، ڪائنات جي ڪنهن ڪُنڊ مان اُبريل اُن صدا جيان ڀاسندا آهن، جيڪا ساري عالم جي سناٽي کي چرڪائي ڇڏيندي آهي، ۽ جنهن جي پڙاڏي ۾ پيار... پيار... پيار... جا آواز رهجي ويندا آهن. سندس نظمن ۾ محبت جي محسوسات جا انيڪ منظر آهن. هر منظر ۾ هڪ ڪائنات آهي ۽ هر ڪائنات ۾ ٻه اکيون آهن، جيڪي پيار ڳوليندي ڳوليندي تمام پري هليون وڃن ٿيون ۽ هڪ دل آهي، جيڪا مُحبت جي جستجوءِ ۾ جوڳياڻي بڻجي وڃي ٿي.

سندس غزل، محبوبا جي گهورَ جيان، دل ۾ لهي وڃن ٿا. مختصر بحرن ۾ لکيل فياض لطيف جي غزلن کي پنهنجي سونهن ۽ سندرتا آهي. سندس وايون ۽ بيت به رنگين ڪيفيتن سان ڀرپور آهن. بيت جيتوڻيڪ مختصر صنف آهي، پر ان لاءِ ذات جو تيز وهڪرو گهرجي ۽ وائيءَ لاءِ نديءَ جي روانيءَ کپي، جيڪا احساس کي هڪ ردم سان اڳتي کڻي هلي ۽ فياض جي اظهار ۾ اهي ٻئي خوبيون موجود آهن.

فياض لطيف جي شاعري پنهنجي سفرَ ۾ پيار جون رنگين ڪٿائون تخليق ڪري ٿي ۽ اهي ڪٿائون جڏهن پيار ڪندڙ اکيون پسنديون ته ضرور مُسڪرائينديون.

حبدار سولنگي

"you know...!

I miss my past. I miss all that was part of my past, but you are the one from that past, who is still the part of my present. When ever you contact me, I feel that I have something very much valuable in my hands today, from my past.

I know what is love, I know what is fragrance of past. I know waiting that kills or nourishes the person, but some times I do not understand my self and I went on knowing you, I feel, I have started to discover my self and when I read your eyes and verses, I feel what resides within me...."

• اکين کي اوجاڳا ازل جا

اسان طلب تاتي سمونڊن جي سانئڻ!
اوهان بوند لئہ ٻي صديون آ سڪايو،
اوهان جي قرابت، نہ ساحل نہ ڪشتي،
اسان پاڻ ٻوڙيو، ڪڏهن پاڻ تاريو!

اکين ڪي اوجاڳا ازل جا ڏناسون،
سدا ٿيون اِڃائون مسافت جون عادي،
چپن کي ڏنيوسين چميون آتشن جون،
اسان رند - روڳي اسان آدجڳادي.

هجومن جي دنيا ۾ هيڪل ئي هيڪل،
ڪيونسين هميشہ پنن سين پچارون.
متي ۾ ئي صورت ڏٺي سون سدائين،
متي ۾ ئي مورت ٻسيون سين نهارون.

خوابن جي خانہ بدوشيءَ وانگر،
ڪڏهن جيءُ جوڳي، ڪڏهن من بهارون،
اڙي عشق! توتي ڏيون ڇا ميارون!
اڙي عشق! توتي ڏيون ڇا ميارون؟!



• امرتا! تون ڪٿي آن...؟

آنءُ ساحر تنهنجو ساڳيو،
تون امرتا! پر ڪٿي آن؟
جيءُ جوڳي جنهن لئہ پٽڪيو،
تون اَجنتا سا ڪٿي آن؟
اڄ بہ منهنجا گيت سائڻ!
تنهنجي ساڳي آرزو ۾،
ڪيترو بي چين آهن؟
ڇڻ تہ ڪائي سين آهن!
طلب جن ۾ تنهنجي ايڏي،
ڪوئي ڪاٿو ڪونہ آهي!
ڇڻ تہ پکشو دشت ۾ ڪي،
نيڻ پنهنجا جانِ جانان!
تنهنجي تعاقب ۾ رهيا هِن،
ڪيترا هي بي چيا هن!
پير پنهنجا جن جي جيءُ ۾،
جاڳ جي ڪا آڳ آهي.
ڪيتريون تنها سفر جون،
سرد ۽ بي سُرت راتيون!
پوءِ بہ ساڳي آڳ آهي،
پوءِ بہ ساڳي جاڳ آهي!

پنڌ تنهنجي جون پيچائون،
هر قدم جي تيز تي ٿي،
اڄ به آتيون تنهنجون ٻانهون،
منهنجي خيالن ۾ سدا جان،
ڪيتريون تازيون لڳن ٿيون!
پر ڪٿي آن، تون ڪٿي آن؟
او امرتا! تون ڪٿي آن؟
او امرتا! تون ڪٿي آن؟؟

• اڇايل هرڻ جان

دنيا جي رڻ ۾ ڀٽڪي،
اڇايل هرڻ جان هر دم،
پناهون پيار جون ووڙيون،
۽ راهون يار جون ووڙيون.
اڻانگي ڪنهن سفر گس تي،
ڪٿي ڪو پير جي ٽِڙڪيو،
پيچائون پيار جون ووڙيون،
۽ ٻانهون يار جون ووڙيون.

◆

• شهر جانان

چيوسين اکين کي،
کٿو پير سوچي،
غضب شهرِ جانان!
پٿر لوک سارو.
هي جلوه نمايون،
هوائن جا جهونڪا،
سدا سات کنهن جو،
ڏئي کيسين سگهندا؟
مجي نيڻ ويا پر،
مُڙي دل نه پاڳل،
چيو بي چئي دل،
”مچيوسين ته سارا،
هي محبوب منظر،
اکيون پُوري پل لئه،
وساري به ڇڏجن.
مگر هو جو مهڪيل،
کي گيسوءَ _ گهٽائون،
ڪٿي روز ايندیون،
رهيون هنِ هڳائون،
هٿن تي حنا سان،

لڪيل نينهن ناتا،
حُسن جي چپن تي،
هو نغما سرايون،
هجر جون هو تنها،
۽ تاريڪ - راتيون،
سُندر ساعتون کي،
وصالِ صنم جون.
هي بارش جي موسم،
مٽي جي بدن جون،
هو معطر هوائون،
اوسيئڙي ۾ آتيون،
سدائين رهيون جي،
ڏيئن وانگي روشن،
اهي بي قراريون،
اهي انتظاريون،
ادا جي ڪيونسين،
سدا عابدن جان،
اندر ئي اندر ۾،
عبادت ــ نمازون،
ڪري ڪير ڪافر،
فراموش تن کي.“
آمرُ سي اکين تي،

مگر ها، ڪجي ڇا؟
هو يادن جا ريشم،
جوانيءَ ـ بهارون،
حسن جانِ جان جو،
خدائي جو پرتوو،
ڪري ڪيئن ملحد؟
ڪو انڪار تنهن کان،
ٿئي ڪير مرتد؟
ڪو منڪر انهيءَ جو..!!

• بنواس

سفر جي ڳهر ۾ ڪٿي يار ڳوليون؟
سوين روپ تنهنجا اسان اڄ انوکي.
عمر جي بهارن ۾ بنواس وانگر،
اسان من ماڻجهي، اسان روح روڳي!



• تون چوين ٿي....

تون چوين ٿي،
تڙپ منهنجي عاشقي ۾،
اڄ رهي ناهي اها.
خواب منهنجي حسرتن جا،
سڀ هراسيل هرڻين جيان،
سُرت جي صحرا ۾ ڪٿ،
بي سبب ڀٽڪي ويا هِن.
تون چوين ٿي،
آڳرين جي جانِ جان! آوارگي،
آرزوئن جي بدن تي،
ڏاڍي مذهر ٿي وئي آ.
منهنجي من جون موسمون سڀ،
ٻار جي ڪنهن آر وانگر،
ڪيتريون مَنجي ويون هِن.
تون چوين ٿي،
سڀ ڪٿائون قُرب جون،
ڪنهن مسافر جي قدم جان،
پنڌ جي ڪنهن ڏنڌ ۾،
مون کان ڀٽڪي هِن ويون.
جانِ جانان! ڇا ٻه سمجهين تون مگر،

ائين ڪونهي،
جيئن چوين ٿي.
نيڻ منهنجا،
هڪ ٻه لمحي لاءِ سانئڻ!
تون سچ پچين جي صبر سان
تنهنجي تصور کان سوا
ننڊ جي آغوش ۾،
ڪين ہوٽيا هِن ڪڏهن.
اڄ ٻه منهنجو موهہ، ڪنهن مهراڻ جان،
موجزن آ.
تن تارون، من مانجهي
ساهہ سارون، روح راڳي
ساز جڻ تنهنجي لڳن آ.
اڄ ٻه منهنجي پياس ۾،
تون سراپا سمنڊ آهين،
جڻ تہ ڪوئي منڊ آهين.
آڱريون منهنجي اِڇا جون،
روز ڪنهن گوتم جيان،
جاچنا جو جيءُ ڳولن،
تشنگي جو روح ڦولن.
تون هميشہ چنڊ وانگر،
منهنجي راتين ۾ رهي آن،

هر ڪويتا لفظ منهنجي،
حُسن تنهنجي مان سدا،
اڻ ميو پيتو مِٺي آ.
اڄ ٻہ منهنجا رنگ ٽا،
روپ تنهنجي جو رچن،
نقش ڪوئي،
نند جهڙو،
گهند جهڙو،
جو وڃي ٿو رات ڏينهن،
روح منهنجي جي رڳن ۾،
تنهنجي زلفن جي چڳن ۾،
اڄ ٻہ منهنجي آگرين جو،
چين ٿو اُلجهي پوي.
نيڻ تنهنجا،
لهر وانگر، سحر وانگر،
اڄ ٻہ ٻوڙن ٿا مِٺي!
پيار منهنجي جون پچائون،
ريشمي ڏوريءَ جيان،
تنهنجون ٻانهون،
منهنجي گردن چوطرف،
اڄ ٻہ ڇڻ آتيون ڦِرن ٿيون،
ڀوُنر جان ٻاتيون ڀِرن ٿيون.

اڄ بہ منهنجي عاشقي آ،
آڳ وانگر،
جاڳ وانگر،
تون جنهين ۾،
نيڻ آهين خواب جا!
نيڻ آهين خواب جا!

• تنهنجي قرابت

صدين جي پياس آ سائڻ!
پلن ۾ ڪيئن ٿئي پوري.
قرابت تنهنجي قطري جان،
سراپا دشت آ دوري.





بهار موسم لٿي بدن تي

عمر سموري عذاب ٿي ويو،
خنجر خنجر جان خواب ٿي ويو!

پٿر شهر ۾ سوال شيشا،
نظر نظر هِن سراب ٿي ويو!

زخم زخم تي ڪَنڊن جي وچ ۾،
ڪيڏا زخم هِن گلاب ٿي ويو!

دنيا ڪتان جو ڪٿي ڳڀي آ؟
نسل اسان جي نصاب ٿي ويو!

بهار موسم لٿي بدن تي،
ڪَلي ڪَلي پر حجاب ٿي ويو!

ڦڙو ڦڙو تي رُني هي دل آ،
پٿر پٿر جان جواب ٿي ويو!

نه نيڻ - ڪجلا، نه گيسوءَ گجرو،
شهيد دل تي شباب ٿي ويو!

• پٿرن جي شهر ۾

ڪيتري آ بي چئي،
دل جي هي ديوانگي!
مون چيو، ڏس او چري!
پٿرن جي شهر ۾،
ڪانچ جي چوڙين جيان،
پنهنجي سپنن جو بدن،
هل نه تون ايئين ڪٽي!
لوڪ جي خنجر نظر،
۽ ابابيلن جيان،
عاشقي پنهنجي پرين!
توهرن جان تاڪ ٿِي،
تورڙو تون خيال ڪر،
ڪڻ سنيالي تون وِڪون،
تهمتون هِن بي نقاب،
تنهنجي تعاقب ۾ مِني!
آ آلهڙ تنهنجي عمر،
پيچرا اوڪا اٿئي!
آدميءَ جا ڪيترا،
روپ ۽ بهروپ ٿئي!
سلسلو هي سنگ جو،

ڏوپ ۾ آڏوپ ٿئي!
ها مگر هي ٻار جي،
هوڏ جهڙي دل، ضِدي!
ڪجهه ميجي ٿي ڪونه ٿي!
ڪجهه ميجي ٿي ڪونه ٿي!

• اسان جي عاشقي آذر

هزارين حيرتون آهن،
دنيا ٿي ديد خانو آ،
مگر هي جو حُسنِ جانان!
خدائي جو خزانو آ!
پرائي مي جيان آهن،
پرينءَ جا نيڻ مَتوالا!
پتو ڪهڙو ڪنهن ملحد ڪي؟
ڌرم جنهن جو نه ڌرم شالا!
گهٽا گهنگهور جان گيسو،
جسم آ جنتون جانان!
اسان جي عاشقي آذر،
سڪيءَ جي ديد دلربانه!
سڪيءَ جي ديد دلربانه!!



• پرينءَ کي چنجو...

اسان جي جيون،
اُماس رڻ ۾،
جڏهن ٻه جلندي،
ڏيئو ڏسو ڪو،
ڏکڻ - هوائون،
ڏکڻ - هوائون،
وجي پرين کي،
ته هڻين چنجو.
”اُماس راتيون،
اُداس ٻاتيون،
اسان جون ڇاتيون،
اڃان ٻه سانئڻ!
اوهان جي پاڪر،
سنديون ڳولائو.
ڪٿي ٻه پيرن،
قرار جانان!
آ ڪونه پاتو،
سدائين آتو،
اسان جو دامن.
رڳي رهيون هن،

اوهان - پچارون،
ڪٿي وساري،
وجود - سارون،
ڪٿي پُگا هون؟
اَتو ئي ڪونهي!
پتو ئي ڪونهي!
مگر او جانان!
اَجهاڳ پنڌ ۾،
رهَيو آ پوءِ پي،
سدائين تولئه،
هي جوڳي هينئڙو،
متان ڪي سمجهو،
اکين اسان جي،
اُجهو اوسيئڙو،
اوهان جي خاطر،
اجا به جانان!
جلي پيو ٿو،
اسان جو جيئڙو.“



• تنهنجا نينَ چمَان

تـا گـهـنـڊ وَڄن چوڌار اچا،
تي ڪوڪ اچي ڪينجهار منجهان،
دل چاهـي تـي ڀـيـهـار اچا،
او نـوري! تـنـهـنجا نـينَ چمَـان!

مـوت اڳي پـوءِ اچڻـو آهـي،
مـيـل نـہ ڀـيـهـر مـچڻـو آهـي،
تـنـهـنجي ڳل تـي اڄ پـڇاڻـان،
رنـگ نـہ مـون کـو رچڻـو آهـي!

ڇانـوَ شـفـق ۾ سـنـڌ ڊونـڊي،
ڪينجهر هنج تي هوندي جي ڪا،
مان تہ نہ هوندس، مان تہ نہ هوندس!
چنـڊ، سـتـارا سـاڪـي هـونـدا،
مان تہ نہ هوندس، مان تہ نہ هوندس!

مـڌ آ پـيـالـو مـوهـہ جو اهـڙو،
ڪـو بہ پـيـاڪـو پـيـتـي ان مـان،
ڪـڏهـن بـہ جانـان! ڊائـو ڪـونـهـي!
ائـين الـئـہ ڇـو؟ مـون کـي لـڳـي ٿـو،

تنهنجو هي آغوش آهي جو،
جنهن ۾ منهنجي ساري هستي،
چڻ ته ڪنول جي، ڪنهن گل وانگر،
ٽڙي پئي آ، ڪِڙي پئي آ،
تنهن جو پل ئي ڪافي آهي،
جنهن ۾ پيو ٿو آءٌ جيئان.

ليڪن پياري! پوءِ به الئه ڇو؟
پياس ٿئي ٿي اڃا پيئان،
دل چاهي ٿي ٻيهار اڃا،
او نوري! تنهنجا نيڻ چمان.
او نوري! ننهنجا نيڻ چُمان.

• جيون سمنڊ جيان

ڪوريئڙي جو ڄار آ تعلق،
هر جذبو هڪ تند اُلي ٿو.
لهرون لهرون سيئي لمحا،
سمنڊ جيان هر جيون ٿئي ٿو.



• سپنا ٻہ آواره ٿين ٿا

خواب ٻہ چورن وانگر آهن،
سارا ڏوريءَ پنڌ لتاڙي،
پنهنجا ننڊاڪا نيڻ اوجاڳي،
روز اچن ٿا شهر جياپي،
آڏيءَ ٽاڻي،
پريمڪائن جا چپ چمڻ لئہ.
سانت جي ٻڪ ۾،
لوڪ سمورو،
ننڊ -چادر جي ڇين - گهڙي ۾،
خيال جي ڳس ۾،
ليڪن خواب،
بنجارا ٿين ٿا،
سپنا پڻ آوارا ٿين ٿا،
ڪنهن جي روڪي ڪو نہ مُڙن ٿا.
ڪنهن جي روڪي ڪونہ مُڙن ٿا.



• دوستي آ خواب جو زخمي بدن

مون تہ سمجهو هو دوستي آ
درد جي درياهہ ۾،
ڪنهن سگهاري ناوَ جان،
سڙهہ جنهين جي سُہنڊ گي جا،
ڪنهن طوفاني واءُ ۾ ٻيي،
ڪين ٿا ساٿا ٿين.
مون تہ سمجهو هو دوستي آ
رڻ تتيءَ جي رڃ ۾ ڪنهن،
ٻڙ جي گهاٽي ڇانوَ جان،
جنهن جي ٽارين مان ڪڏهن.
آسيي اُس جون نگاهون،
پار پئجي ڪين سگهنديون.
مون تہ سمجهو هو دوستي آ
مئڪدي ۾،
دل جو روشن ڪو ڏيئو،
جنهن جي جهيڻي لاٽ جو،
ڪائي ہيٺي ہاٽ ٻيي،
سِرُ جُهڪائي ڪين سگهندي.
مون تہ سمجهو هو دوستي آ
روشنين جي راهہ جو،

خوبصورت ڪو سفر،
جنهن جي گس جي گلشني ۾،
ڪا خزان، ڪائي سياهي ڪا نہ آ.
مون تہ سمجهو هو دوستي آ
آئيني اجري جيان،
جنهنجي دل ۾ داغ ڪوئي ڪين آ.
مون تہ سمجهو هو دوستي آ
زندگاني جي هٿن ۾،
سُرخ سُندر ڪو گلاب،
مهڪ جنهن جي ڪي ڪڏهن،
موسمن جي بي وفائي،
ڀي مِٽائي ڪين سگهندي.
مون تہ سمجهو هو دوستي آ،
دل جي مندر ۾ رکيل ڪا مورتي،
سونهن جنهن جي ڪي ڪڏهن،
بُت شڪن جي بد نظر،
گهائي سگهندي ڪينڪي.
مون تہ سمجهو هو دوستي آ
جيءَ - گهر جي ڪنهن ٽُئل،
ڪام لئہ ڪلهي جيان،
ڪابہ رسمن ۽ رواجن جي اڏوهي،
جنهن کي ڪڏهين،



ڪين ٿي جهوري سگهي،
ڪين ٿي پُوري سگهي.
مون تہ سمجهو هو دوستي آ
ننڊ - نيڻن جي وطن جو،
خوبصورت خواب ڪوئي،
جنهن جي تعبيرن جي ڏرتي،
نيهن جي جذبات آهي،
۽ اها پرڀات آهي،
سحر جنهن جي ۾ ڦهر جي،
محبوبانہ مرڪ آهي.
مرڪ جيڪا،
آهي مڌ جي سُرڪ وانگي،
جنهن مان پيتي پياس ڇڏ،
پوري ٿيڻي ڪونہ آ،
دوري ٿيڻي ڪونہ آ.
ها مگر هو جو، بروٽس جي هٿن ۾،
خون سان لت پت خنجر،
تتل تئي جي تيز اک جان،
تاڙ ۾ آهي سدا،
ٻاڙ ۾ آهي سدا،
تنهن جي حَوَس جي حسرتن جو،
ٻڪ آ ڀنجي ويو،

منهنجي تخيل جو بدن،
ها، بدن منهنجو بدن،
جنهن ۾ هيو،
سرمدي ڪو سامهه هڪڙو،
سيزر جهڙو ويسامهه هڪڙو.

• تو ڪان جدا جيئان پيو

سوچيو هيم،
تو ڪان سوا،
مان جي نہ سگهندس پل جدا،
ليڪن پرين!
هي وقت آ مرهم جيان،
جيڪو ڇڏيندو آ پري،
جيون جي هرهڪ گهاءَ کي،
هي پل، پهر ۽ ڏينهن سڀ،
هفتا، مهينا، سال کي،
تنهن پريت جي پوڳي سزا،
جيئان پيو،
توڪان سوا،
تو ڪان جدا،
توڪان پري.

چُمي چُمي تي پيار وڪريو

چڱون چڱون تي بهار وِڪريو،
نظر نظر تي خُمار وِڪريو.

جواني هُن تي لٿي جئين ٿي،
ڪلي ڪلي تي نِکار وِڪريو.

ڪنول بدن جو ٻڪيو ٻڪن ۾،
چُمي چُمي تي پيار وِڪريو.

اُداس دل تي ڪڪر - وڇوڙو،
مِلي جو مُرڪي غبار وِڪريو.

ڪڪوم ڪامڻ هيون نگاهون،
ڪٿي ڏٺائين، قرار وِڪريو.

هيو تہ ڏاڍو اڏول پر ڪيئن،
پتي پتي جان هو يار وِڪريو.



• محبتون ممنوع آهن

ڪيتريون ئي ڪائناتون،
تنهنجي بس هڪڙي نظر آ!
مُرڪ تنهنجي ڪيئي بهارون،
تون سراپا ڄڻ سحر آن!
حُسن تنهنجو هيري وانگر،
هينئون پنهنجو آ حسينا!
ديد ڪائي درسنيءَ جي،
سُرت جون ساريون صراحيون،
خيال تنهنجي تي ٽٽن ٽيون،
ڄڻ ڦٽن ٽيون پرهه ٻاڪون،
تون جڏهن ٿي زلف کولين!
هر ادا تنهنجي، خدا خود،
خيال سان ٺاهي ويهي آ.
تون دنيا جي دشت ۾ آن،
بهشت جي ڪنهن اپسرا جان!
موسمون تنهنجي بدن جون،
سڀ گلابن جي سمان هِن،
تشنگي پنهنجي ٻه آهي،
رڃ ۾ پياسي هرڻ جان!
پر ڪجي ڇا؟ جانِ جانان!
ديس جي دستور هن ۾،
محبتون ممنوع آهن.
محبتون ممنوع آهن.

• سروم ڏکم ڏکم

شاعر جي دل ٿي،
هُن جو ديس ٿئي ٿي،
ويس ٿئي ٿي.
جنهن ۾ ڍڪيل آ،
ان جي زخمن جو بدن،
۽ موجي من،
ڪنهن سمنڊ جيان آ.
سنسار سمورو جنهن ۾،
ڪنهن لهر جيان،
ڪنهن سحر جيان،
رقص ۾ آهي،
جيون چاهي؟
نيڻ ڪويتا، ڪاغذ ڪشتي،
ساحل سوچون، خواب هوائون،
لمبي مسافت، صحرا راهون!
قدم قدم تي زخم هزارين،
لفظ مرهم،
سروم ڏکم ڏکم!!
سروم ڏکم ڏکم!!



• سرمد روح اسان جو

اسان جي چاهت خدا ننگر ۾،
محيوسين جانان! آ مئڪشي جان.
جياپي جڳ ۾ اسان جا سپنا،
رُدالي روح جي آ ڇڻ اِڃا ڪا!
اڪيون اسان جون ازل اڃايل،
پيئڻ پڇاڻان بہ ڇڻ تہ پياسيون!
پريئي بزم ۾ اداس ٻالڪ،
ڪڏهن تہ سرمد اسان جو من آ!
ناهي بہ آهيون، آهي بہ ناهيون!
ڪڏهن تہ جوڳيءَ جيءَ وانگر،
ننگي بدن تي لباس گيڙو،
زخم زخم جي زبان آهي!
سوال پنهنجا صليب ڳالهيون،
قدم قدم تي مسيح مرڪون،
نظر نظر آ نماز پنهنجي،
سجود پنهنجو وجود سارو.
متي جي من ۾ حوا جي خوشبو،
تلاش پنهنجي تندور وانگر،
چِتا جي اڪ ۾ سُتي ڪتي آ؟
ادا اوهان جي خدا ٿو چالي،

سمونڊ ڪڇڙي جي سرڪشي آ؟
سدائين مقتل جڏهن ٻه سِرَ جي،
ڪٿي او سانئڻ! صدا ڏني آ.
اسان جي آذر هي عاشقي ٿي،
اُتي اُتي خود هلي وئي آ!
اُتي اُتي خود هلي وئي آ!!

ٻڌاسين ٻڪن جي سحر ۾!

ستارا، ستارا تي رهيون هِن اکيون،
عجب ٿي نظارا، تي رهيون هِن اکيون.

ٻڌاسين ٻڪن جي ٿي سحر ۾ سدا،
ڪنارا، ڪنارا، تي رهيون هِن اکيون.

اسان جي عبادت ۽ رياضت عجب،
سپارا، سپارا، تي رهيون هِن اکيون.

ڪٿي ساهه سرمد ۽ ڪٿي جيءَ جوڳي،
ڪٿي ديد - دارا، تي رهيون هِن اکيون.

نه ڪشتي، نه ساحل، عشق جي بحر ۾،
سدائين سهارا، تي رهيون هِن اکيون.



ڀنا نيڻ بادل

ڪٿي چنڊ، تارن جي تمنا ڪئي آ؟
پرين! آرزو بس اوهان جي رهي آ.

ائين رات ڀر هِن ڀنا نيڻ - بادل،
جئين ماڪ مڪڙي تي روئندي رهي آ.

نہ راهن ۾ رونق، نہ شامن سندرتا،
ڪٿي واءُ ڪهڙي خوشين کي وئي آ؟

مسافت ڪٿي تي، نہ ئي پير پرچن،
الئہ پياس پنهنجي هي ڪهڙي رهي آ؟

اياڻي، هٺيلي، اسان دل آوارا،
سدائين حُسن جي ئي سجدي رهي آ!



• تون اچين ٿي...

ننڊ ڇڻ ڪائي ندي،
خواب ڇڻ آهن اکيون.
لهر وانگر زندگي،
ساحلن جهڙيون سکيون.

عشق آهي سمنڊ جان،
ساهه آهي ساحري.
ڇڻ امرتا لفظ هِن،
آرزو آ شاعري.

موهه آهي مَڌُ جي،
ڪنهن پيالي پُر جيان،
جو رچي ويو روح ۾،
شاهه جي ڪنهن سُرَ جيان.

ڪين ڪُٽڻي پياس آ،
پاڻ کي ڪا سُڌَ ناهه،
گم آهيون پنڌ ۾،
بي نشان پيرن پٺيان!

راهہ ۾ آ رات پئي،
چنڊ اڀريو ڪين آ!
تون لڳين ٿي ائين ڄڻ،
ساهہ ڪان ويجهي ڪٿي!
ٿي ٻُڏڻ ۾ ڄڻ اچي،
تنهنجي چوڙين جي ترنگ.
نيڻ منهنجا اڌ کُليل،
ٿا ڏسن توکي مِٺي!
تون اچين ٿي، تون اچين،
پير پيرن ۾ ڪٽي،
ڪامڻي، او! ڪامڻي.

• محبت ماڳ

اوکا سوکا ڏوري وڃبا،
منزل پنهنجي محبت ماڳ.
ملندي ملندي نيٺ تہ کِلندي،
جيون آهي پنهنجو جاڳ.



•تنهنجي ياد جي ناوَ

جنهن وقت تي آڌي رات ٿري،
۽ چنڊ مٿان ٿو ڇانوَ ڪري،
تنهن وقت هنئين جي ساگر ۾،
ٿي تنهنجي ياد جي ناوَ تري.

جنهن وقت ٻه ڪوري ڪاغذ تي،
ٿي ڪوتا ڪوسا چپ رکي،
تنهن وقت اوهان جي نيڻن جي،
ٿي مون کي ڏاڍي ياد اچي!

جنهن وقت گهٽا گهنگهور ڪري،
۽ بادل برسن شور ڪري،
تنهن وقت مٺيءَ آغوش منجهان،
ٿي تنهنجي بدن جي مهڪ اچي!

جنهن وقت شفق جي ساگر ۾،
ٿو لهندڙ سج سنان ڪري،
ٻُور وهيءَ ۾ جوبن جوڙو،
ڪو سنڌوءَ پر ٿو شام ڪري،
تنهن وقت هنئين جي ساگر ۾،
ٿي تنهنجي ياد جي ناوَ تري...
ٿي تنهنجي ياد جي ناوَ تري....

•خانہ بدوش دل

ڪيتري خانہ بدوشي،
دل بہ بادل جان ڪئي آ!
پنهنجي پيرن جي سفر ۾،
ڌر تتي ساري رهي آ!

عمر جي هي خود خيالي،
ڪهڙي تڙ جي تشنگي ۾؟
ايتري آتي رهي آ!

پير هيڻيان هر سفر ۾،
چٽنگ چڻ ڪائي چُپي آ.
چين پنهنجو ڪيئن چئجي؟
ڪا چندرما وئي ڪٽي آ!

ڪاڪ جي ماندڙاڻ هن ۾،
روح - راڻو رات ڏينهان،
نينهن ڪهڙي جي نشي ۾؟
پيار پوڇيندو رهيو آ
يار پوڇيندو رهيو آ.





ڪلي ڪا چڳَ جي گيسو جي

سدائين سار جي موسم،
پرين جي پار جي موسم.

هُڳائن جان لتي هر دم،
اسان تي يار جي موسم.

گلن کي چو نه ائن مَهڪن،
چمن ۾ خار جي موسم!

ڪلي ڪا چڳَ جي گيسو جي،
هَلي هبڪار جي موسم.

چنبيليءَ واس ويو ويڙهي،
نشو هئي نار جي موسم!

سدا هُن سوڀ تي چاهي،
ٿياسي هار جي موسم.



• ڪونج من جي بي قراري

ڪيتريون آيون ويون هن
ڪونج جهڙيون ڪامڻيون،
پياس جان پنهنجي جواني!
مڌ جيان هو موهڻيون.
ياد جا ڪاغذ سمورا،
ڪيترا پيارا لڳن ٿا!
جاڳ جي لمبي سفر ۾،
چڻ تہ ڪي تارا لڳن ٿا!
يار وانگي دل جنين سان،
راتڙيون ريجهي رهي آ،
جيئن گل تي ماڪ قطرا،
زندگي پنهنجي رهي آ.
روح پنهنجو لهر وانگر،
پر عمر ڀر لاءِ آتو!
ڪوج ڪنهن جي ۾ رهيو آ؟
موج ڪنهن جي ۾ رهيو آ؟
هي بدن جي بي قراري،
انتظاري، توبهن زاري!
روڳ ڪهڙي ۾ رهي آ؟
جوڳ ڪهڙي ۾ رهي آ؟



ڪير چاڻي ڪاڪ دل جي،
ننگي پيرين آرزو ٿي،
ڪهڙي پند جا پير ڳولي؟
ڪير چاڻي نيڻ ننڊ جا!
خواب ڪهڙي جي سفر ۾،
ڪوئجي ٿا ڪنهن ڪي ماڻن؟
ڪير چاڻي چَپَ سِپي جان!
ڪهڙي بارش جي بدن لئه؟
ايترا بي چين ٿين ٿا!
ڪير چاڻي هرڻي وانگر،
دل هتيلي ڪهڙي تڙ لئه؟
ايتري ڊوڙي ڊُڪي آ!
ڪير چاڻي سمنڊ ۾ پي؟
آتيون پانهون ساحلن جون،
ايتريون پياسيون رهن ٿيون!
ڪير چاڻي هٿ - ريڪائون؟
ڪهڙي متي جو مقدر؟
ڪهڙي نالي ۾ لکن ٿيون؟
ڪير چاڻي ڪا چڪوري؟
آڌي ٽائي ايتري چو؟
چنڊ لئه بي چين ٿئي ٿي؟
مَنڊ لئه بي چين ٿئي ٿي؟



•رقصم رقصم

سچل! تنهنجو سچ تہ اڄ پڻ،
ساڳي سورج وانگر آهي،
جنهن جو، ڪِرڻو ڪرڻو چڻ،
جنهن جو، جهرڻو جهرڻو چڻ،
ان الحق اقراري آهي،
رقصم روپ هزاري آهي.
تو جا ڪالهہ درازن ۾ هئي،
دولهہ چٽنگ ڏڪائي ڪائي،
تجلا تنهن جا اڄ بہ ساڳيا،
بيشڪ سائين! برحق آهن.
سنڌ سنيهو سمنڊ سراپا،
سرڪش جنهن جون ساريون لهرون،
اڄ بہ ڪنارا ٻوڙن ٽيون، پر
تڙ تي ڪوئي تارون ڪونهي.
ماڪڙ وانگر پيلي وئي آ،
ننڊ ندوري ملڪ سڄي کي،
ماٺهو ماٺهو ماس جو طالب!
ڊونڊ دنيا تي مکين وانگر،
ميڙو آهي، جهيڙو آهي!
منّيءَ من ۾ مورت نوري،

ڪو ٻہ نہ ڇاڻي، ڪو ٻہ نہ پُرجهي!
سچل! تنهنجو سچ سنيهو،
پر تنهن لئہ سرمستي گهرجي،
هڪڙي سائين! هستي گهرجي،
جا ننڊ اجهاڻل نيڻن کي،
جاڳ جي ڪائي جوت ڏئي ڪا،
ماڳ جي ڪائي ڳوت ڏئي ڪا.

• جيون مڏ جيان آ

اڄ رات ستارا،
ڇُور نشي ۾،
تيز ڪائي ٿا،
اوندهہ جي ڏندلي
شيشن سان،
پنهنجا اجرا جام ٽڪرائن،
۽ چنڊ پيتل مَدو موالي جان،
ڪڪرن جي تاڻي چادر،
ڪي پل ويهي سوچي ٿو.
”هي جيون پِي ڪنهن مڏ جيان آ،
موت پياڪو جنهن مان،
ڇُڪي ڇُڪي ٿو روز پيئي!
ڇُڪي ڇُڪي ٿو روز پيئي!“



•تشنگي جو بدن

سُرت جي ساري سفر ۾ سپ وچائي،
پوِ بہ مون کي ائن لڳو آ،
زندگي ڇڻ ڪو سڳو آ،
تندُ جنهن جي لمحي لمحي آ اُٽيو،
آرزوئن جي بدن جو،
ليڙون ليڙون ڪو لباس
۽ پياس،
دشت ۾ پاڳل هوائن جي پٺيان،
چين پنهنجي چاھہ جو خود وڃائي،
خود ئي پيري ۾ رهي آ،
هير جهڙي هي وهي آ،
خوشبو جنهن جي،
خود بهارن جا بدن،
ڪيترا بي چين ڪيا هن!
پير واريءَ پيچري تي،
ڪيترا وڪريا پيا هن!
نيڻ ڪنهن خانہ بدوش،
خوبصورت خواب وانگر،
هرڻ جان جن جي پٺيان،
من جياپو ڪيترو ماندو ٿيو آ!

پوءِ بہ مون کي ائن لڳو آ،
زندگي ڄڻ ڪو سڳو آ،
ريشمي ڪا تند جنهن جي،
تشنگي جي ڄڻ بدن تي،
ننڊ جا ٽاڪا هڻي ٿي،
ننڊ جا ٽاڪا هڻي ٿي.

• تنهنجو ڏنو

تـنـهـنجو ڏنـو تـو ڪـي ارپـيـم،
ڪجهہ مرڪن ۾، ڪجهہ لڙڪن ۾.
تـــو ڏات ڏنـــي ۽ ڏانءُ ڏنـــو،
گـل ٽـڙي پـيـا ڪـي گـلـشـن ۾.

◆

• آيپچند جي چمي

رسم وفا جي راهه ۾،
ڪيئي ڪُنا ڪوپا ڪَوي.
آ رات جي هر رَند ۾،
اڄ رت سندي هوءَ روشني.
هو دار تي داره شڪوهه،
نُتي ۾ سرمد جي سِسِي،
خوشبو تنهين جي خون جي،
تاريخ ٿي تنهن کي چمي.
آڪاش جي آغوش ۾،
هُو چنڊ پيو آ آهلي،
وسيل ڏيئي جيئان لڳي،
ٿي جهوڪ جي هر ڪا ڳلي.
آ يٽ ڏٽيءَ جي ديس ۾،
ٿي ڏنڌلي ڪا درسني،
اکيون روئن ٿيون رت ڦڙا،
ٿي قتل آ ڪومل ڪَلي،
جيڪا ايپچند جي چپن -
تي ڪا چمي آتي هئي،
سا ئي وڇوڙي واٽ ۾،
اي دل! اجهامي اڄ وئي.
اي دل! اجهامي اڄ وئي.

• دشت جو سفر دل لڳي

ايـتـري آوارگـي نـاهـي چڱي!
مون چيو، ديوانـي دل جي ديد کي،
دشت جو آهي سفر هيءَ دل لڳي!
ايـتـري پـاڳل نـہ ٿـي تـون ايـتـري!
بُت متيءَ تي ڪَرِ نہ بانور بي ڇٽي!
ناوَ نـازڪ نينهن تنهنجي جي مِٽي!
عشق آهـي سمنڊ جنهن ساحل سوا،
هـر لـهر ڇڙواڳ آ جنـهـن جي مِٽي!
ايـتـري پـاڳل نـہ ٿـي تـون ايـتـري!
سـارَ جا رستا سـمـورا بـي سِمت!
گـهـاوَ آ سـارو بـدن ٿـي خواب جو،
درد جي دلـڪـش مـسـافـت زنـدگـي،
ايـتـري پـاڳل نـہ ٿـي تـون ايـتـري!
ڪـاڪـلـن جان رات ڪـاري چوڏسا!
چنڊ مندر جي ڏيئي جان ٽمڪندڙ،
آڪـمـن جان نـيـڻ آلا نـنـڊ جا!
هـر صـدا زخـمـي پـرنـدي جي اِڇا!
آڱريون بـي چين ساريـون آس جون،
راحـتن جا پـيـچرا سـارا ڪَٽـن،
حسرتـن جي هـر گهـڙي آ هيڪـلي،
ايـتـري پـاڳل نـہ ٿـي تـون ايـتـري!
دشت جو آهي سفر هيءَ دل لڳي!



• اسان جي تمنا

چري دل چوي ٿـــــي،
وري دل چوي ٿـــــي،
اوهــان جي اکــين جي،
مِٿــي! مـئـکـدي مـان،
ٻري چار سُرڪـيـون،
وري يـار سُرڪـيـون،
الـئـہ ڇا حـيـاتــي؟
ڪڏهـن ڪـا مـلـي ٿـي،
غمِ زنــدگــيءَ ڪــي،
دمِ آرزوءَ جي،
گهڙي سـا ٻـہ هـڪـڙي!
اوهــان جي حــجابــي،
گــلابــي چـمـن تــي،
اســـان جي اڄايـــل،
تمـــنـــا او جانـــان!
تــي تـڪـمـيـل چاهـي.
سـنـدءِ ڪـاڪـلـن جي،
گــهـتـائـن ۾ سـائـڻ!
اسـان رنـگ پـنـهـنـجي،
جوانــــيءَ جا ســـارا،
لٽـائـڻ ٿـا چاهـيـون،
اوهـان کـي اوهـان کـان،
چورائـڻ ٿـا چاهـيـون.

•من جي مسجد

ماڻهوءَ جي، جا متي ٿئي ٿي،
ڳوڙهي ڳاڙهي چٽي ٿئي ٿي.
تو نہ ڪٿي ڪا رات اکين ۾،
تون ڇا ڄاڻين مورک ماڻهو؟
پريت - پريم جي پيڙا ڇاهي؟
تو نہ گلابن ڀُوٽا پوکيا!
تون ڇا ڄاڻين، تون ڇا ڄاڻين؟
من جي پوتر مسجد جان آ،
يار جي جيڪا گهٽي ٿئي ٿي.
جڳمڳ جڳمڳ ڏور ستارا،
اُي مان جيڪي واجهائن ٿا،
تنهنجي سار جا ساز سمورا،
تن - من منهنجو تڙپائن ٿا.
جيون جي هن ڀات - ننگر ۾،
عشق اجالن وانگي آهي،
هن جي ساٿ جو خيال بہ ڇڻ کو،
مڌ جي پيالن وانگي آهي.
زخمي دل تي مرهم وانگر،
غمِ جدائي ۾ هم رازو!
محبوبا جي چِٽي ٿئي ٿي،
من جي پوتر مسجد جان آ،
يار جي جيڪا گهٽي ٿئي ٿي.
يار جي جيڪا گهٽي ٿئي ٿي.

• ڪَوي جي خواب جهڙيون اکيون

ڪنهن ڪَويءَ جي خواب جهڙيون،
اوپرين! تنهنجون اکيون.
مُرڪ تنهنجي مئڪشي جان،
زلف تنهنجا ڇڻ گهٽائون،
تون سراپا،
شاعري جهڙي حسينا!
تون اڪيلي ۽ ٻڪيلي،
ڳوٺ جي ڪنهن ٻي ڳلي ۾،
پڻ نہ ائين نڪري ڪڏهن.
ڪيتريون پاڳل نگاهون،
تنهنجي تعاقب ۾
وتن ٿيون ڀٽڪنديون.
ڪنهن سمي ڪنهن باز جو،
ڇوڪو نہ بڻجي پئين چري!
پير پنهنجو ڪڻ سنڀالي،
اوپـري، او! پـوپـري،
ڇوڪري، او! ڇوڪري....



• اوءِ اياڻا! ڇاڻو ڇاهين؟

ڪارونجهر کي پٿر ماري،
اوءِ اياڻا! ڇا ٿو ڇاهين؟
موت نہ جنهن کي ماري سگهيو،
ان کي تون ٿو مارڻ ڇاهين!

اڄا پي ناهي پوڙهي هڏڙن،
پنهنجو انوکو ستُ وڃايو،
گيت اڄا پي رت - رتولا،
اڄا نہ راڳيءَ ڪَتَ وڃايو.

ڪنڌ اڄا پي اوچو ان جو،
جنهن کي تون ٿو، جهڪائڻ ڇاهين،
لفظ جوالا مُکي جنهن جا،
جن کي تون ٿو، ڏيائڻ ڇاهين.

توکي ڪهڙي ڪَل او ڪائر!
جنهن تي پٿائي، ڇانو هجي ٿو،
مور نہ سوئي مِٽجي سگهندو،
جيڪو سنڌڙيءَ هانوَ هجي ٿو.

کيسين بندش، کيسين پهرا؟
چوٽي جابر چار ڏيهاڙا،
متي تريءَ تي واءُ جو ڦوڪو،
اوندهه پويان سج آلوکو.

ڪوتا جي نگريءَ ۾ چوڏس،
جنهن جي جوت جو سج جرڪي ٿو،
مورک! ان جي جوت جلا ڪي،
تريءَ هيٺيان ٿو وارڻ چاهين!
ڪارونجهر کي پٿر ماري،
اوءِ اياڻا! ڇاٿو چاهين؟
اوءِ اياڻا! ڇا ٿو چاهين؟؟



• سکر ۾ شيخ اياز جي لائبرري سان وردي وارن جي هٿ چراند ڪان متاثر ٿي لکيل.

•پروميٿيس

پوڙهو چنڊ صدين کان هُو،
اُڀَ جي ڪاري ڌرتيءَ تي،
سوڀَ جي مشعل ساڻ کڻي،
پنهنجي پوري هستيءَ سان،
ساري جڳ جي بستيءَ مٿان،
هر رات ٻري ٿو، ساک ڀري ٿو.
هو سچ ازل کان،
سياهي جي سوري تي،
روز پيو لٽڪي،
ڪنهن گهايل پنڇيءَ جان.
اڃا نہ مئو آ، اڃا نہ مئو آ،
عيسيٰ جڳ مان،
دنيا ۾ جيئرو،
اڃا بہ آهي پروميٿس،
جنهن جي جيءَ تي روزانو ڪا،
چوٽ لڳي ٿي، ڳوٽ ڀَڄي ٿي،
چاڪ چڪن ٿا،
رنگ رَچَن ٿا.
ها پر پوءِ بہ
چنڊ جي ريت اڃا بہ ساڳي،
سچ جي جيت اڃا بہ ساڳي.



اوهان جي قرابت

اوهان جي يادن جي ڳهر ۾ رهياسين،
پرين! سچ تہ ڏاڍي سحر ۾ رهياسين.

اوهان جو ”سياٽو“ تي صليب ويو آ،
اسان بس انهيءَ جي قهر ۾ رهياسين.

اوهان جي قرابت ۽ دوريءَ جي جانان!
ڀڏي توڙي اُپڙي لهر ۾ رهياسين.

پڇو ٿا تہ ڪيئن زندگي پيئي گذري؟
پتو ڪونهي ڪهڙي سفر ۾ رهياسين!

ڪولي زلف ويڙهيل، ڪِلي هوءَ جو گذري،
اڃا تائين تنهن جي اثر ۾ رهياسين.

ڪڏهن پياس پوري نہ ٿي ساحلن جان!
عمر توڙي پوري بحر ۾ رهياسين.



• آيتن جهڙيون اکيون

هـن جي دسـتـڪ لاءِ آتـو،
اڄ بـہ مـنـهـنجي دوار دل جو.
اڄ بـہ مـنـهـنجي آ امـاوس،
هُن جي مـرڪـن لاءِ مـانـدي.
مـنـهـنجي دل جي مـوسـمـن ۾،
اڄ بـہ تـازو گـل هـن جي،
چاهـتن جو، راحـتن جو.
اڄ بـہ مـنـهـنجي پـيـچرن ۾،
هُن جي پـيـرن جا نـشـان هِن،
ٽمڪندڙ ڪنهن ديپ وانگي.
مور نـاهـن مـون ڪـان وسـريـون،
اڄ بـہ يـونـيـورسـٽـي جون.
چنـڊ - راتـيـون، سـانـت رسـتا،
مـدر سُر مـاريـا ڪـيـري جا.
خوشـبـوئـن سـان واسـيـل هُو -
خيـرپـور جون سـرد شـامـون،
موهـ لـمـحا، ٽـهڪ بـاتـيـون،
بـحـث پـيـارا زنـدگـيءَ تـي.
رقـصـان پـاٿـي تـي هـو پـاڇا،
سـرگـوشـيـون ۽ هـو سـتـارا،

هو سمرتيون، هُو سڳنڌون،
سات سُندر هُو سمورا،
۽ مهاڻي هن سنديون جي،
آيتن جهڙيون اکيون هون،
اڄ به چڻ منهنجي هنئين ۾،
چنڊ جان جاڳن پيون ٿيون،
چنڊ جان جاڳن پيون ٿيون.

سڪيءَ جو اکيون

سراپا سُندرتا، سڪيءَ جون اکيون،
ڪويءَ جي ڪويتا، سڪيءَ جون اکيون.

ڪَٿائون مٿي ڪيئن ڪاغذ ڪٿيون؟
نسوريون اَمرتا، سڪيءَ جون اکيون.

ڪڪر، سمنڊ، ساحل، ستارا، ڪَتيون،
نِيارا نياپا، سڪيءَ جون اکيون.

سوين گيت سرگم، ڪنول جون ڪليون،
مي، مهڪون، مڌرتا، سڪيءَ جون اکيون.

هو آرس، هو الڪا، اهي مرگهه - چالون،
سحر هِن سرپا، سڪيءَ جون اکيون.





• سدائين ڪوتا زخم پريا هِن....

جمال تنهنجو، ڪمال جانان!
خيال تنهنجو خمار وانگي،
جيئن ڪو آگم اُجاري ٿر تي،
تيئن هي ڪاڪل قرار وانگي.
سدائين دل آ رهي مسافر،
سدائين پاڳل رهيون پڇائون،
سدائين ساحل جيان اُجاريون،
سمونڊ ڀر ۾ پيي اسان جون ٻانهون.
سدائين پيرن آ پنڌ جهاڳيو،
سدائين نيڻن آ ننڊ تياڳي،
سدائين سارون ٿمر رهيون هِن،
اسان جي جيون سندي جياپي.
اسان جواني عجب اِڇائون،
سدائين خوابن سندي خُدائي،
عمر مُسافت، اَجهاڳ رستا،
گهڙي مسرت، جيون جدائي.
سدائين ڪاغذ - بدن رهيو آ،
اسان جي آگر سندو جياپو،
سدائين ڪوتا زخم پريا هِن،
سچي ٿي دل آ اسان جي ناڪو.
ائين ٿي گذريو اسان جياپو،
سدائين خوابن سندي خدائي،
سدائين پيرن آ پنڌ جهاڳيو.

• زلف پريشان ڪنهن لئہ آنا؟

ڪچي ڌوريءَ وانگر آهن،
پريتڙ، سوا سڀ ريت جا رشتا.
چِت چولي تان ٽُٽي پون ٿا،
هڪڙي سِٽَ سان سيئي ڌاڳا.
رات اچانڪ ايئن ٿِمي پيا،
نيڻ ڇپر مان لڙڪ - چٺاڪا.
ڏُکندڙ نيڻن جي زخمن تي،
ننڊ رکيا ها مرهم - ڦها.
دل جي در تي دستڪ هڻي پر،
خواب اکين تي ڪيپ هڻا ڪي.
ڇرڪ ڀري جو هوءَ ڀئي جاڳي،
ٽٽي پيس سڀ سپنن شيشا.
دل آ ساگر، سارون ڪشتي،
لهرون پاڳل نيڻ سفر جا.
شام جي هنج ۾ سج لٿو آ،
چوڏس پکڙيا رات جا پاڇا.
ڪومل هٿ هو هِير ٿي ووڙي،
زلف پريشان ڪنهن لئہ آنا؟
حسنِ بدن ٿي خوشبو ويو آ،
ٿاريءَ ٿاريءَ پونرن ڦيرا!
اولداهي ۾ مِرگهہ - اکي هوءَ
ڪير ٿي ٻولي ڳس تي پيرا؟
ڪير ٿي ڦولي ڳس تي پيرا؟؟

•مان ڄاڻان ٿو

مان ڄاڻان ٿو پل ٻہ ٿي تون،
اڄ منهنجي ٻانهن ۾ آهين،
رات جنين ۾ اوسيئڙو هو،
اڄ رات تنين ۾ تون آهين.
هي پياس اڌوري پائڻ جي،
هي ساعت تلخ وڇوڙي جي.
تون چئہ! ڪيئين واڳ مان روڪيان؟
هِن درد جي سرڪش گهوڙي جي!
جيون گذريو سارو جاڳي،
پل - پرندا، پريت ويراڳي،
خواب اکيون ۽ خيال صراحيون،
عمر سموري موهہ مسافت،
من رهيو آ ڄڻ ڪو موڪي.
لمحا سارا سور سمرتيون،
ويلا هرڪا ايڏي اوکي!
اڄ ڇو منهنجي دل ٿي ايڏو؟
ڪِهرو ڇهڪ ڏيڻ ٿي چاهين،
هن پوئين ويل ٻہ او سانئڻ!
تون ڇا مون مان پيئڻي چاهين؟
مان ڄاڻان ٿو پل ٻہ ٿي تون،
اڄ منهنجي ٻانهن ۾ آهين،
اڄ منهنجي ٻانهن ۾ آهين!!

◆

پيار ٻانهون

ڪوڙ ساريون ڄڻ نگاهون، ٿي رهي آ،
شاعري پنهنجون پناهون، ٿي رهي آ.

پاڻ تي پنهنجو ڪٽي، آهي هليو وس!
عاشقي تنهنجي ادائون، ٿي رهي آ.

پير پنهنجن ۾ رهيون هِن ڏرتيون ٿي،
ساوري ڄڻ ڪي گهٽائون، ٿي رهي آ.

پاڻ کان ٻي پاڻ ڄڻ وسري ويا هون،
هوءَ جڏهن کان پيار - ٻانهون، ٿي رهي آ.

جڳ جفائون توڙي سارو، پاڻ لئہ هوءَ -
زندگي ڄڻ سڀ وفائون ٿي رهي آ.

قطري وانگر سمنڊ جو ڳوليو بدن آ،
تشنگي ساحل صدائون، ٿي رهي آ.

دل لڳي ٻي دشت جو آ ڪو مسافر،
ساحري ڄڻ سيڻ راهون، ٿي رهي آ.



• ڪيئن ڪري ڪوئي مسافر...؟

عمر ڀر جي آرزو ۾،
هڪ سُندر ئي عاشقي آ،
خواب ساگر جي سپنن جا،
جڻ تہ موتي زندگي آ.

هر سفر جو توڙ آهي،
تند هڪڙي تار جي جڻ.
من اندر جون موسمون سڀ،
هر گهڙي آ يار جي جڻ.

ڏندلي ڪنهن درسني جان،
عقل جون سڀ آگريون هِن،
الجهيل سُتّ آدمي آ،
روح سيئي روشنيون هِن.

طلب ٿي اُلندي رهي جڻ،
بدن ڪوئي تشنگيءَ جو.
لنءُ جو ليڙون لٿو ڪو،
جڻ ڏڪي جاڳيل اکيون ٿو.

سـور آهـي سـمـنـڊ وانـگـي،
نـاو وانـگـي دل جنـهـين ۾،
سُرت جو سـاحـل ٿـي ڳولـي،
ڪـيـتـرا طـوفـان ئـي ڇڻ،
تَنـهـن جي تـعـاقـب ۾ لـڳل هِن.
هـر قـدم جي پـيـر هـيـٺـيـان،
ڪـيـتـريـون چوڙيـون ڀـڳل هِن.
ڪـيـئن ڪري ڪوئي مـسافـر؟
ڇانـو وڻ جي ڪـي ڇپـر ڪـو،
تـيـز پـيـو هـر پـل بـدلجي،
سـحـر جهـڙو هـي سـفـر ڪـو،
قـهـر جهـڙو هـي سـفـر ڪـو،
ڪـيـئن ڪري ڪوئي مسافر...؟
ڪـيـئن ڪري ڪوئي مسافر...؟؟





• دل ساغر وانگي او سانئڻ!

ويسر جي گهگهه انڌيري ۾،
اڄ سار جي لاٽ ٻري پئي آ.
• دل ساغر وانگي او سانئڻ!
دردِ هجر سان ٻري پئي آ.
اڄ ڪيڏو احساس ٿئي ٿو،
تنهائي جو گهيرو چوڌس،
ڏاڍو سوڙهو ٿي ويو آهي!
جو پل ڪالهه جوانيءَ جو هو،
سو اڄ پوڙهو ٿي ويو آهي!
ننڊ - بدن تان چين جي چولي،
ڇَتي ڇَتي ٿي اُڌڙي پئي آ،
هاءِ! حياتي وقت جي رڻ ۾،
پن پن وانگي وکري پئي آ.
دل ساغر وانگي او سانئڻ!
دردِ هجر سان ٻري پئي آ.
دردِ هجر سان ٻري پئي آ.



• ساغر = پيالو

•پياس ساري زندگي آ

ڪاڪ جي محلن ۾ ماندو،
روح هن جو ساز وانگر،
ڪنهن جي آگر - آسري ۾،
اڄ ٻه ايئين آتو آهي،
جيئن ڪَليءَ جي آرزو ۾،
ڪائي موسم منتظر آ.
لوڪ سارو بي خبر آ،
ديد ڪائي در بدر آ.
ڪير ڄاڻي، ڪنهن نظر لئه.
ڪا دري ڇو مضطرب آ.
دل لڳي پي ديپ جان آ،
لاٽ ٿي لرزي نه جنهن جي،
ڊِيوَ ڪنهن پي واءُ جي ڪان.
نيڻ آهن نهر وانگر،
وهڪرو جن جو سدائين،
پيار جي ئي پار ڏي آ،
يار جي ئي پار ڏي آ.
چوڏسا ئي چنڊ آهي،
موهه آهي، منڊ آهي،
شبنمي هر لڙڪ آهي،

مُرڪ پي ڇڻ سُرڪ جيان آ،
لهر جنهن جي ۾ لڙهي بس،
پاڻ کو پائي ڇڏي ٿو،
گيت سو ڳائي ڇڏي ٿو،
ڳالهه جنهن ۾ راز جي آ،
ساز ۾ آواز جي آ .
ڇا اهو ڄاتو ڪَهين آ؟
ساز ۾ هڪ سوز ٿئي ٿو،
سوز ۾ هڪ سرمدي آ.
هت ڏِيا هِن روشني جا،
پياس ساري زندگي آ.
پياس ساري زندگي آ.

• ٽاري ٽاري ڦول

آگم اکين جا اُٿلي پوندا،
من جي ٿر تي وسندا مينهن.
ٽاريءَ ٽاريءَ ٽڙندا ڦول،
پنهنجي نينهن جو جوڀن جيئڻ.



•تون سحر جون ڪيئي صراحيون

شبنمي جان تون او سانئڻ!
آءُ ڇڻ ڪو گل خزان جو.
تون ڏکڻ جي هير جان ۽،
آءُ ڇڻ ڪو پل سنجها جو!
تون اُمنگون ڪيئي صبح جون،
سمنڊ تنهنجي آ سندرتا.
ڇڻ غزل تنهنجون اکيون هِن،
تون ڪويتا آن سراپا!
رنگ تنهنجا رُت بسنتي،
روپ تنهنجو چانڊني جان.
تون وُڻيءَ جو واءُ سرهو،
آ مِٽي مون تشنگي جان!
مان صدا ڪا سانت جي ۽،
تون سحر جون ڪيئي صراحيون.
مِرگهه وانگي جيءُ منهنجو،
چانڊني سي تُنهنجو راهون.
مان مسافر دشت جو ۽
تون، مٽان آن ڇڻ ڪي گهٽائون،
آتا چپ، بي چين - پانهون،
چانڊني سي تنهنجون راهون،
چانڊني سي تنهنجون راهون....



•تنهنجي مهڪ اچا ٻه آ...

منهنجي من تي ياد سندءِ،
شام ڇپن تي سج ڇمي.
وينگس تنهنجي ٻانهن جي،
ڪيئن وساريان آڄ اُچي؟
تنهنجي سُگنڌن جا سرها،
وسريا ناهن واس اچا!
ايندينءَ منهنجي اُماوس ۾،
اڄ ٻه اڻم سا آس اچا.
تنهنجي جوڀن پيالي مان،
سرتي! مي ڪي مون سُرڪيو.
اڄ ٻه مون وٽ تازو آ،
تنهنجي مرڪن جو موتيو.
روز تصور شيشي ۾،
سامهون آهي سو چهرو،
مون سان هاڻ مِلي وئي آن،
سُڌِ - پَٽيءَ تي پاسي ٿو،
تنهنجو پيرو ڇڻ تازو!
ڪيئن ميان تون هُنئين سپنو؟
منهنجي اُپٽيل نيڻن جو،
تنهنجي مهڪ اچا پي آ،
منهنجن ڪوسن ساهن ۾،
تنهنجي تڙپ اچا پي آ،
منهنجي پياسي چاهن ۾.

• دلين جا زخم پريا ناهن....

توکي گھنور ڇا گهرجي؟
هڪڙي کوجهي ڪاري رات گهرجي؟
رات جنهين ۾،
رنگ به آهن، سنگ به آهن،
انگ به آهن، ڏنگ به آهن،
ٿورا ڏنڌلا دنگ به آهن،
جن مان تنهنجي ديد گهڙي ڪن،
پنهنجا نيڻ ته سيڪي سگهندي،
تنهنجي طلب جي تات به شايد،
ڪجهه لمحن لئه ماٺي ٿيندي،
پر او! پيارا ڪچا رنگ سدائين ان جا،
ڪنهن به بدن جي ڪاغذ تي،
ڪنهن رنگ رچڻ جي بدران،
هڪ گهاءُ رچيندا آهن.
گهاءُ جنهين ۾،
هڪ درد جو سور سدائين،
ڪُرندو رهندو آهي،
مُرندو رهندو آهي.
هڪ رات جنهين جي،
بي نور نيڻن ۾،
آشا ڪانهي، پاشا ڪانهي،
جنهن جي بدن ۾ گرمي بدران،

وئي بي حسي جي برف ڄمي آ،
ان جي سرد انگن تي نرم چپن جي،
گرم چپن جي جاڳ سمهارڻ،
جيڏيا! ڪيڏي اوکي آهي!
توکي گهنور ڇا گهرجي؟
هڪ پرهہ ڦٽي جي باک گهرجي؟
باک جنهين ۾،
ساک آ سورج رنگن جي.
هڪ گل گهرجي؟
گل جنهين جي،
گرم چپن تي ماڪ ڇمين جان،
ڇمڪي پئي آ.
يا هڪ ناتو گهرجي؟
جوڙ جنهين جي،
تنهنجي ريشم سوچن ۾،
هڪ سُندر سُندر خواب اُٽيو آ،
هڪ خوشبو خوشبو گلاب جهڙو،
شباب اُٽيو آ،
حجاب اُٽيو آ.
توکي تنهنجو اندر گهرجي؟
توکي تنهنجو ٻاهر گهرجي؟
يا ڪو هڪڙو مندر گهرجي؟
جنهن ۾ تنهنجي چاهت جو،
راحت جو،

تنهنجي ئي اوسيئڙي ۾،
هڪ ٻُت پيو آهي.
ٻُت جنهين جي روح ڪي تون،
روز ٿو لالو لال ڪرين،
ڇو نہ ٿو هڪڙو خيال ڪرين؟
دل جا زخم ڪڏهن بہ دلبر!
راتين جي تاريڪ مرهم سان،
ناهن ڀربا، ناهن ٺرندا!!
توکي گهنور ڇا گهرجي؟
چنڊ گهرجي، منڊ گهرجي؟
يا ڪوهڪڙو گهنڊ گهرجي؟
جنهن ۾ تنهنجي جيءَ جون تارون،
جيئن گونجن،
جنهن ۾ تنهنجي من جون مرڪون،
جيئن مرڪن،
جنهن ۾ تنهنجي خواب اکين جا،
تنهنجي پيرن جو گس ٿين،
ڏس ٿين، وس ٿين.
توکي رات گهرجي يا روشني؟
توکي گهنور ڇا گهرجي....؟؟
توکي گهنور ڇا گهرجي....؟؟



• گهنور خان جتوئي منهنجو دوست، جيڪو جوانيءَ جي بهارن ۾ ئي خودڪشي جي خزان جو ٻڪ ٻنجي ويو.



•ان ڪان اڳ ۾

ڪڏهن جي تنهنجي تنهائين ۾،
منهنجي ياد جا آتا پنڇي،
پنهنجا زخمي پَرَ ڦڙڪائي،
سنڌ ۾ آسڻ اچن جي سانئڻ!
ان ڪان اڳ ۾، ان ڪان اڳ ۾،
پنهنجي پريت، پريم - ننگر جون،
دوار - دريون سڀ ٻوٽي ڇڏجان.
ننڊ - شهر جا لنگهه لتاڙي،
سانت ڳليءَ مان آديءَ ويلي،
ڪڏهن اچن جي اسان جا سپنا،
ان ڪان اڳ ۾، ان ڪان اڳ ۾،
تون نيڻن جي خواب - ننگر جون،
دوار - دريون سڀ ٻُوٽي ڇڏجان.
ورق ورائيندي ماضيءَ جا،
چِت چِپئي ڪا ڇُهندڙي جي،
انَ ڪان اڳ ۾، ان ڪان اڳ ۾،
ياد جا ورق جلائي ڇڏجان.
تنهنجي سونهن گلابن تي جي،
جانان! اچانڪ اچن اُڏامي،
منهنجي گيتن جا ڪي پوپٽ،
ان ڪان اڳ ۾، ان ڪان اڳ ۾،
پنهنجي سندرتا - وستيءَ جون،
دوار دريون سڀ ٻُوٽي ڇڏجان،
دوار دريون سڀ ٻُوٽي ڇڏجان!



•تون مايا جو موتي آن

منهنجا نيڻ پيا ھِن تڪجي،
تنهنجون راهون روز تڪيندي.
منهنجا پير پيا ھِن ٿڪجي،
رج - وڇوڙي منهنجھ رُلندي.
ڪيسين تنهنجي اوسيئڙي ۾؟
آس جو ديپ جلايان جيڏي!
ڪيسين تنهنجي سپنن سان مان؟
پنهنجو روح ريجهايان جيڏي!
خواب تہ ناهين نيڻن جو تون،
جنهن کي آءٌ ڀُلائي ڇڏيان!
لڙڪ تہ ناهين پَلڪُن جو تون،
جنهن کي آءٌ وهائي ڇڏيان.
تون منهنجي جيون - تاريءَ ۾،
ڄڻ تہ گلابي گل جان آهين.
تون منهنجي تخيل - ڌرتيءَ تي،
ساپيان - خواب جيان آهين.
سو ڪيئن آءٌ وِساري ڇڏيان؟
تو جنهن منهنجي جيون ھِن ۾،
ڪا جوت جلا جي اوتي آ،
منهنجي حياتي - سِپَ ۾ سائڻ!
تون ئي مايا جو موتي آن.
تون ئي مايا جو موتي آن.



•پوڇاڳر جي پريم جو پٽر

هي ننڊ جي ڪاري ڪانويلي،
موت جي جاڙي ڀيڻ جيان آ.
جا جيون موتي داڻن کي،
پنهنجي چهنب ۾ روز چڳي ٿي.
هن وقت جي سرڪش گهوڙي جي،
ڪيڏي ٿي اڏامي پير - پٽي!
رات اوجاڳيل چنڊ تڪي ٿو
پنهنجا خماريل نيڻ ڪٽي.
جڻ ٽڪريون ٽڪريون ٿي پيو آ،
درد جي ٺيس سان دل جو شيشو!
۽ وکريو پيو آ ڌرتيءَ تي،
وشواسن جو پتو پتو.
هي روشن روشن رات جا آ،
تنهن - جي سيني منجهه چُڀي ٿو،
هر پل سياهي جو ڪو خنجر!
اي ڪاش! اياڻا ڄاڻين تون،
پوڇاڳر جي پريم جو پٽر،
پوڇاڳر جي پريم جو پٽر!



•چين نہ آ ڪو موسم ڪي

نيٽن جي آکيري مان،
سارا خواب اڏامي ويا،
ڇڻ ڪنهن زخمي پنڇي جان!
جيون وڻ جو پتو پتو،
رت ۾ آهي رڱيو پيو!
دل جو گل مرجهائجي ويو،
جوءِ ۾ واسو آ، پن - ڇڻ جو!
چوڏس رات انڌيري آ،
ڳلي ڳلي آ خاموشي،
ياد جي رڻ ۾ ڪُٺي پئي آ،
ماضيءَ جي هر موهه گهڙي!
شيشي جهڙي دل آ،
۽ پٿر جهڙو شهر سڄو،
ڪيئن اکين ڪي ننڊ اچي؟
چين نہ آ ڪو موسم ڪي،
ڪيئن چپن تي مُرڪ رَچي؟
من آ منظر صحرا جو!!
من آ منظر صحرا جو!!



•رات چڏيا هِن زلف وکيري

رات چڏيا هِن زلف وکيري،
ڪيڏو چانيل سناٽو آ؟
تنهائين جي رڻ ۾ هڪڙو،
بس ياد جو وڻ ٿي گهاٽو آ!
جت چنڊ مُنجهي بيٺو آهي،
ڪهڙو هي چوواٽو آهي؟
دل چاهي ٿي توساڻ هجان،
ڪيڏو اوکو آٽو آهي!
اُجري جو آڪاش ۾ تو.
ڪو آڏيءَ جو اوندهه ڪري،
ڪهڙو هي راڪاس آهي جو؟
تو سارو مُٺ ۾ ساهه ڪري!
ڪک پن ڏکي پيو پاري ۾،
ڪيڏي سارن سردي آهي!
ڪو بہ تہ ڪونهي، ڪو بہ تہ ڪونهي،
تنهائي، بي دردي آهي!
ڪير ستو آ سانجهي هنج ۾،
ڪنهن جو هيءُ ڪراٽو آهي؟
اوندهه جي اوڀڙ لئہ اڄ ڀي،
سورج هٿ ۾ ڏاٽو آهي.
سورج هٿ ۾ ڏاٽو آهي.



• مقتل مان ٿي مهڪ اچي

دل ۾ ڪنهن مندر جيان آ،
جنهن ۾ ڪيئي لات منات،
ميتا جا معبود تين تا،
۽ تن جي آڏو روز ڪيئي،
سامي، جوڳي، ملحد، مرتد،
سِرن جا سجود ڏين تا.
هن شبلي، سچل ۽ باهو،
هو ڪلهه پيتو جنهن پيالي مان،
من چاهي تو، تن چاهي تو،
مان ۾ تہ ٿوري پياس اُجهايان
ان سرو جي اُجالي مان!
ٿي مهڪ اچي اڄ مقتل مان،
ڪنهن ڪنڌ ڪپيو آ ڪونڌر جو!
ڇڻ آڳ لڳي آڪاش ۾ آ،
ڪو اجڙيو آهي دل جو شهر!
عشق جي هٽ مان سُرت - ڪٽورو،
رمز پٿر تي ٽِڙڪي پيو آ،
جهوڪ جهول ۾ شاهہ عنايت،
ڪنڌ ڪٽائي مُرڪي پيو آ،
ڪنڌ ڪٽائي مُرڪي پيو آ.

• سروَ = مَڌُ

• ڪاش اياڻا ڄاڻين!

ڪوئي پنڇي، جي پَر ساهي،
پڃري مان آزاد ٿئي ٿو.
منهنجي دل تان درد جو پٿر،
دوست! هڪڙو ڄڻ ته پُري ٿو.
جيئن خزان جي خنجر سان ڪو،
ڪنهن ٽاريءَ مان گل ٽٽي ٿو.
ان جي ساري پيڙا جو ڄڻ،
منهنجي من ۾ دردُ ڌُڪي ٿو.
ڪنهن ڌُڪيءَ جي نيڻن مان جي،
ڪوئي بيوس لڙڪ لَڙي ٿو.
ساري هن سنسار جو ان ۾،
ڄڻ ته ڪوئي ڀول ڀُري ٿو.
ڪوئي جي ڦٽ پاٽ تي ڦٿڪي،
تنها تنها دم ڏئي ٿو.
ڪاش اياڻا! ڄاڻين سو تون،
انسانيت جو موت ٿئي ٿو.
ڪوئي پنڇي، جي پَر ساهي،
پڃري مان آزاد ٿئي ٿو.
هن منهنجي ساري هستي جو،
سوئي ڄڻ آواز ٿئي ٿو.
سوئي ڄڻ آواز ٿئي ٿو.

•تون جا اڇٽي آهين

هن جهڙالي شام پهر ۾،
ڪيڏو من آهي وسمئي ۾!
تنهنجو ساٿ نہ آهي سرتي!
پوءِ بہ ڇڻ آهين سيني ۾!

آءُ اڪيلو تنهنجون سوچون،
پوياڙيءَ جو لهندڙ سورج،
ڏرتيءَ جا ٿو چپ چمي پيو.

ڪيڏي اڻ تڻ اوسيئڙو آ!
آ تنهنجي دڳ ۾ ديد ٽنگيل.
تون جا منهنجو امرت آهين،
۽ تون جا منهنجي ذات رٺل.

تنهنجي آجيان لئہ او سائڻ!
گل نہ سي مرجهايا آهن!
جي مون دل جي گلدستي ۾،
تنهنجي لاءِ سجايا آهن!

نيڻ ننڊ اکا ڀوتيا ناهن،
ڪنهن ننڊ جي آتي ياڪر ۾.
اڄ جا تون آن اچڻي جانان!
منهنجي آغوش جي آڳر ۾.

اڄ جا تون آن رچڻي جانان!
منهنجي گيت گلابن ۾ ئي،
منهنجي موهه حجابن ۾ ئي.
هن جُهڙالي شام پهر ۾،
ڪيڏو من آهي وِسمئي ۾!
ڪيڏو من آهي وِسمئي ۾!!



• موت آ سرڪش گهوڙو

موت آ اهڙو سرڪش گهوڙو،
انڌو، گونگو، بي حس، ٻوڙو.
جيڪو جيون رَند لتاڙي،
مرڪ گلن جي چيري - ڦاڙي،
روز اچي ٿو شهر جياپي،
ڪيئي دل جا ديپ اُجاڙي.
ڪيئي پويان پيرا - واڍو،
ڪين ڇڏيائين پٺتي پيرو.
جنهن پل آيو تنهن پل ٿي ويو،
چوڏس ڇڻ ڪو گگهه انڌيرو.
هُن جوين وڻ جي تارين ڪان،
۽ سندر سُندر نارين ڪان.
ڪي ڦول گلابي ڦريا ويا،
ڪن نيڻ ٻنل ويچارين ڪان.
ڇا بہ هجي پر سچ آ لوڪو!
جيءُ تہ ناهي ڪارونجهر ڪو.
ڦوڪ هوا سان آهہ ڍهي پيو،
جيون جڳ ۾ واريءَ - گهرڙو.
موت آ اهڙو سرڪش گهوڙو،
انڌو، گونگو، بي حس، ٻوڙو،
روز اچي ٿو شهر - جياپي،
ڪيئي دل جا ديپ اُجاڙي،
ڪيئي دل جا ديپ اُجاڙي.

• هوا ۾ آ هڳاءُ تنهنجو

تنهنجي دڳ ۾ ديد اسان جي،
ائين ازل کان آتي آهي.
جئين ٿر جي ڌرتيءَ جي هوندي،
پياسي بوند لئه چاتي آهي.

من اسان جو ميت اوهان لئه،
ريت جا ٽوڙي سارا رشتا،
تنهنجي ڌرتي آيو آهي،
گل ڪٽي ڪي رابيلن جا.

رات هڳاءُ هوائن ۾ هو،
چڻ سرتي! تنهنجي چوٽن جو.
وئي ننڊ رُسي آ نيڻن ڪان.
آ چاهه چورائي چين ويو.

سِٽ لکي مون جيڪا سائڻ!
آ آڌي - ننڊ مان ڇرڪ پري.
چنڊ جي چانڊوڪي ۾ مون وٽ،
چڻ آئي آهين پير پري.

مون کي پڪ آهي ايندينءَ تون،
آڏيءَ - ويــلـــي اوجاڳن ســـان،
۽ پنهنجي قومہ شبابن سان.
تـنـهـنـجي آڏرياءَ لئہ مون وٽ،
اڄ بـــہ اُڄ اَڃاتـــي آهـــي.
اوسـيـئـڙي جي رڻ ۾ تـولـئہ،
مـنـهـنـجي هـيءَ حـيـاتـي آهـي.
مـنـهـنـجي هـيءَ حـيـاتـي آهـي.

• تنهائي

اڳ بـہ ڪيئي ڀيرا مون سان،
تـنـهـائـي ائـن سـات رهـي آ.
هـيل جيان ڪڏهـن بـہ ليڪن،
مـون وٽ هـوءَ نـہ ائـن رهـي آ.





سج آ نيزي پاند او سرتي!
تي پيرن هيٺيان باھہ ٻري،
پنھنجي امرت اوت مان ڏي تون،
ڪو مون کي ھڪڙو جام ڀري،
او آزادي، او آزادي.....
تنھنجي سنت جي رستي تي،
تي جڳمڳ جڳمڳ جوت جلي،
ھڪ روشن صبح جي خاطر،
تو رات ڏيئي ۾ رَتَ ٻري،
او آزادي، او آزادي.....
ڪالھہ ڪراڙ ڪنڌيءَ تي ويھي،
جنھن باک جي ساک تي شاھہ ڏني،
اڄ ڏور انڌيرن جي ڪک مان،
تي وک وک تي ھڪ لاٽ ٻري،
او آزادي، او آزادي.....
جنھن وقت بہ تي سرِ طلب صنم!
لال لھوءَ جو ريج لتاڙي،
ھا! اڇبو اوچو ڳاٽ ڪري،
پنھنجي امرت اوت مان ڏي تون،
ڪو مون کي ھڪڙو جام ڀري،
او آزادي، او آزادي.....



• تون جنم کان جيءَ ۾...

مه جبين! تون اجنبي،
ڪئين چوان مون لاءِ آهين؟
ڪئين ميان تون ڪا گهڙي،
مون سان سفر ۾،
هم سفر آهين رهي!
۽ تون لهي،
ڪنهن موڙ تي،
وڇڙي آهين مون ڪان وئي.
زندگي لمبو سفر آ،
اجنبي ڪوئي شهر آ،
ڪيترا جنهن ۾ مسافر،
ٿا ملن، وڇڙن پيا.
رُتِ انوکي هي حياتي،
روز جنهن ۾،
گل ٽِڙن، اُجڙن پيا.
هن دنيا ۾،
حافظي جي هٿ تريءَ تي،
ڪيترو ۽ ڪير ٿو،
ڪنهن کي ائين سانديِ رکي،
پر او سائڻ! چنگ جان،



ڇين منهنجي جي ڇپن تي،
تند تنهنجي طلب جي،
هر گهڙي بي چين آهي،
ڄڻ تہ ڪائي سين آهي!
هوءِ جا تنهنجي آرزو،
منهنجي من جي،
آگرين جي هر ڏسا ۾،
ڄڻ وڳي آ، ائين لڳي آ،
آشنائي ڄڻ ازل کان،
تنهنجي مون سان
اڳ بہ ڪاتي ئي رهي آ.
هي سفر هو هڪ بهانو،
تون جنم کان جيءَ ۾،
هير وانگر ڄڻ گهلي آن،
وير وانگر ڄڻ ڇُلي آن.



•ڪو ٻہ نہ ڄاڻي...

ڇا دل جي پياسي هرڻيءَ جي،
ڪو واڳ ورائي سگهيو آ؟
ڇا ننڊ اُجهاڻل نيڻن جي،
ڪو جاڳ ورائي سگهيو آ؟
هي ساري هستي ماڻهو جي،
گهري اونهي سمنڊ جيان آ!
سمنڊ جنهين جي هر هڪ ڇولي،
چوڏهين اُجري چنڊ جيان آ.
سوچ ٻہ ڇڻ تہ صراحي ٿئي ٿي،
جنهن مان پوري پياس جو امرت،
اڄ تائين ڪنهن پاتو ناهي!
آ دنيا ديد آئيني جي،
جنهن کي ڪنهن ٻيءِ ڇاتو ناهي.
هو چنڊ اڪيلو آڌيءَ جو،
ڪينجهر ڀر تي ڪنهن جي ڪارڻ؟
اُڀري اوسيئڙو ٿو ڪاٽي!
روز سياهي جي سيني مان،
ءِ هو سورج ڪنهن جي ڪارڻ؟
نڪري ٿو نروار ٿئي پيو!
ڪو ٻہ نہ ڄاڻي، ڪو ٻہ نہ ڄاڻي!
ڳجهہ جي ڳنڍ انوکي آهي.
موت جي مٽيءَ ۾ ڪنهن هي؟
موهہ حياتي پوکي آهي!
موهہ حياتي حياتي پوکي آهي!!

•پيو ٿو پيار پوڪاري

اسان جي دل جي دامن تي،
ڪِري جو چٽنگ چاهت جي،
پسم تي ويا پرم سارا،
رهي سالم نه ڪا اِڳڙي،
وجودِ سر اسان جي تي!

اسان جي لاڏلي دل جو،
چورائي چين ويو ڪوئي!
اسان جي ننڊ نيڻن جي،
اڏامي وئي الئه ڪاڏي؟

اسان جي طلب ۾ جانان!
الائي تات ڪهڙي آ؟
پرئي بادل جيان پٽڪي،
اسان جو روح راهن ۾،
نديءَ جهڙي نگاهن ۾،
عجب آ ارپنا آتي!
پرانهين پار کان ڪوئي،
پيو ٿو پيار پوڪاري،
سندر سنسار پوڪاري.



•مستم مستم

جوڳي جيون،
۽ ميران من،
آ چير چم چم،
چنن چنن....

نيڻ نشيلا،
پياس نرالي،
آڻ اچا پي،
مد جي پيالي،
جهومي جهومي،
لونءَ ۾ لگن،
آ چير چم چم،
چنن چنن....

سُر سمورا،
لهرن وانگر،
آگر لرزي،
تا انگ نچن،
آ چير چم چم،
چنن چنن....

ساز بنائي،
مستي آهي،
هستي چاهي؟
رمز انوکي،
روپ متيءَ ۾،
ڪو راڳ رڱن،
آ چير ڇم ڇم،
ڇنن ڇنن....

ڳولا ڳولا،
شعلا شعلا،
تڙپيو تڙپي،
هي تن - بدن.
آ چير ڇم ڇم،
ڇنن ڇنن....



خواب مجذوب جو

پاڻ کان پاڻ تائين پڳيون هِن اکيون،
خواب مجذوب جو هي رڱيون هِن اکيون!

درد جي دلبري پي رهي آ عجب!
دشت سارو سفر ۾ جهڳيون هِن اکيون.

چَپَ جتي پي نہ کجھ هِن چئي جي سگهيا،
راز دل جا اُتي هي اُڳيون هِن اکيون.

رڻ جي راهن ۾ ئي روح رمتو رهيو،
دل رُني آ سدائين پڳيون هِن اکيون.

ڇا نہ پوڳيو هميشہ، متي! آ اسان؟
موڙ کنهن تي جي توکان ڇڄيون هِن اکيون.



هينئون مِرگهہ وانگي

نہ ٿو جيءُ پرجي، نہ ٿا نيڻ ڏاڪن،
اڇايل سمندر ڪيئن چپ آڇاڪن.

ڪٿي ڇين موسم ڪو پاتو آ جانان!
رڳو زخم دل آ اسان جي شبابن.

وُٺيون بارشون پر پڳو ئي بدن آ،
هينئون مرگهہ وانگي لٽيو آ سرابن.

ڪيا ڪاغذن ۾ دفن لڙڪ پنهنجا،
هي ”لفظن جو ماتم“ تَڏو آهِ خوابن.

حُسن زندگي ۾ حُسن آ خُدائي،
ڪيو سونهن سجدا، نہ پيليو گلابن.

اِجا چند لمحا تہ ترسو ڪي جانان!
اِجا چند - چهرو چمڪ ڏيو حجابن.



رات جي پاڇر ۾

ســارو لــوڪ ســتــو،
چنڊ اڃا جاڳي پيو!

واءُ وســائـــي وئـــي،
مـــنــدر جو ڏيـــئـــو،
چنڊ اڃا جاڳي پيو!

تــڪــل نــيـــٽــن ۾،
آهــيــلــو اوســيــئــڙو،
چنڊ اڃا جاڳي پيو!

ســنــڌوءَ جون لــهــرون،
نــاڪــئــي جو پــيــڙو،
چنڊ اڃا جاڳي پيو!

رات جي پـــاڪـــر ۾،
ســمــهــي پــيــو ســونــچو،
چنڊ اڃا جاڳي پيو!





چوڏس وڄُ وراڪا

ڪڪر ڪارونيار،
چوڏس وڄ وراڪا.

اُڀــن اوڀـــارون،
تــاڙي جي تـــنــوار،
چوڏس وڄ وراڪا.

آهــن ڇڻ اوچتــو،
وينگس چوڙيا وار،
چوڏس وڄ وراڪا.

اکيون آسروندیون،
نِپِ نــهـــاري نــار،
چوڏس وڄ وراڪا.

ڇڻ ڪا آئي بانوري!
ڪري هار سينگار،
چوڏس وڄ وراڪا.



تنهنجو گل گلاب جو

ڪـــوتـــا جي تـــاريءَ مـــان،
تنهنجو گل گلاب جو!

ڪـــوڪـــيـــون ڪَويـــلـــڙيـــون،
تـــيـــو روح ربـــــاب جو،
تنهنجو گل گلاب جو!

ڪـهـڙي جهـڙپ جهـڻـي وئـي؟
آچيـــو هُن عـــقـــاب جو،
تنهنجو گل گلاب جو!

ڏات نـــنـــگـــر ۾ تـــي ويـــو،
خون نـــنـــڊاڪـــي خواب جو.
تنهنجو گل گلاب جو!
تنهنجو گل گلاب جو!!



• استاد بخاري جي مرتئي تي لکيل.





پن ڇڻ موسم ۾

تنهنجي نيڻ ۾،
منهنجي جوڀن جو،
سرتي! سچ لهي ويو.

پن ڇڻ موسم ۾،
تاريءَ پن پن جو،
سرتي! سچ لهي ويو.

جيون - نگر جي،
جاڳيل رستن جو،
سرتي! سچ لهي ويو.

خيال - ڪتابن جي،
وڪريل ورقن جو،
سرتي! سچ لهي ويو.

توبن منهنجي آ،
مرڪي خوشين جو،
سرتي! سچ لهي ويو.



منهنجي سپنن ۾

تنهنجي اچڻ سان،
منهنجي جيون ۾،
جوت ڏيئا جرڪي پيا.

سوچن جي رڻ ۾،
جيڏي! جوين ۾،
جوت ڏيئا جرڪي پيا.

اکيون جو اُپٽيون،
منهنجي سپنن ۾،
جوت ڏيئا جرڪي پيا.

تنهنجي ايندي ئي،
آتين ٻانهن ۾،
جوت ڏيئا جرڪي پيا.

تو جي مِٺي مرڪيو،
منهنجي راهن ۾،
جوت ڏيئا جرڪي پيا.



آتا نيڻ ٺري پيا

هو بادل جي برسيا،
چڻ ٿر جي واريءَ جا.
آتا نيڻ ٺري پيا.

پاتئين لوڙهي کان ليئو،
۽ پوناريءَ جا.
آتا نيڻ ٺري پيا.

سونهن ڏسي سنگ جي،
هيٺي هاريءَ جا.
آتا نيڻ ٺري پيا.

پنچي جيئن وينو اچي،
اجڙيل ٿاريءَ جا.
آتا نيڻ ٺري پيا.



ڦورو ڪيئن ڦولهيان؟

ڦريـــو ڦـــوڙائـــي،
ڦورو ڪيئن ڦولهيان؟

جيڏيون جيءُ جَهريون،
لـوڪـان لـڪـائـي......،
ڦورو ڪيئن ڦولهيان؟

سُڌ نـــ مـــون سُٽ جي
هـنـئـين هـورائـي.....،
ڦورو ڪيئن ڦولهيان؟

مـــنـــهـــنـجي ويـــو آ،
چِت ڪـو چورائـي.....،
ڦورو ڪيئن ڦولهيان؟
ڦورو ڪيئن ڦولهيان؟





ساريندي توکي

تو جي ڏني مون،
پانهن سيراندي،
سرتي! ننڊ اچي وئي.

منهنجي سپنن کي،
تنهنجي پيراندي،
سرتي! ننڊ اچي وئي.

ساريندي توکي،
بند ۾ باندي،
سرتي! ننڊ اچي وئي.

ڪُنن ڪچ ۾،
ايندي ئي آنڌي،
سرتي! ننڊ اچي وئي.

آهنسا - اڱڻ،
گوليءَ سان گانڌي،
سرتي! ننڊ اچي وئي.



ماڪ پنيون راتيون

ڪنهن کي ڳولن ٿيون؟
اڄ اڪيون آتيون،
ڪينجهر جي تڙ تي.

جرڪيل چنڊ آڪاش ۾،
ماڪ پنيون راتيون،
ڪنهن کي ڳولن ٿيون؟
ڪينجهر جي تڙ تي.

پاڻيءَ تي پاڇا پيا،
لهرن جون ڇاتيون،
ڪنهن کي ڳولن ٿيون؟
ڪينجهر جي تڙ تي.

پرهه ڦٽيءَ جو لام تي،
پکين جون لاتيون،
ڪنهن کي ڳولن ٿيون؟
ڪينجهر جي تڙ تي.

هو مهڪون مير سنديون،
ٻتيلي - ٻاتيون،
ڪنهن کي ڳولن ٿيون؟
ڪينجهر جي تڙ تي.

جيون جي ٻيڙي

جيـــون جي ٻـــيـــڙي،
روز ٻُڏي تـــري پـــئـــي،
درد جي ساگر ۾!

ڏور ڪـــنـــارا ۽،
ســايـيـان مـون هـڪـڙي،
روز ٻـــڏي تـــري پـــئـــي،
درد جي ساگر ۾!

آڏيءَ جو اپ ۾،
چنـڊ جي چانـــدنـــي،
روز ٻـــڏي تـــري پـــئـــي،
درد جي ساگر ۾!

صـــديـــن کـــان ســـاهـــ ۾،
ســانـــدي هـــڪ گـــهـــڙي،
روز ٻـــڏي تـــري پـــئـــي،
درد جي ساگر ۾!!



توں جاڳ، توں ئي نينڻ خواب جا

جيئن هو صحرا گل، سائنڻ! تو سرهاڻ،
تون جا نينهن نياڻ، من اجايل مِرگهه جان.

ڪسو ڪساور، توڙي جيون توهه،
پو بہ تنهن جو مڌ جان. پل پل آ پيارو،
تون جي جانان! سنگ ۾، ساٿ سڳنڌ سارو،
قرب ڪنارو، سمنڊ جيان آ ساحري.

نينهن نسوري نيند، نيزي تي نروار جي،
ڪسڻ پڇاڻان ڪاپڙين، پوءِ بہ ڪيڏي ڪيند!
سرتي! سڳنڌ سيند، مام انوڪو مامرو.

تون ئي منهنجو آڄپو، تون ئي منهنجي اُمنگ،
توبن ڪهڙا رنگ، توبن ڪهڙيون راتڙيون؟

تنهنجون ڪيڏيون ڳالهڙيون، هيري موتي هار،
پوئي پويان يار، ڪهڙيون ڪهڙيون ساروٽيون!

آلا جي منٽيءَ مورتي، سائنڻ تون هڳاءُ،
لونءِ لونءِ منجهہ لڳاءُ، توسان آد جڳاد کان.

سانئڻ! تون ڇَئہ ڪئين، اڪيون آۓ اُپٽيان؟
صورت سڀ رنگ سامهون، چوڏهين چندرمان!
سپنو ۽ ساپيان، پيئي مون آغوش ۾.

سرتي! تون ڇئہ ڪئين، اکيون، آۓ پوريان،؟
سانئڻ! تنهنجي ساپيان، سندر سپني ڪان!
تنهنجو پل اڳيان، عمر بهارون آجپو.

سانئڻ! ڪڏهن آۓ، اکين ڊاپي تو ڏسان،
سرتي! تولئہ ساهہ، سِڪي رات ڏينهن ٿو.

جانان! هاڻي آۓ تون، نند تہ نيڻ گهرن،
هنئين منجهہ هُرنِ، هر پل وارن آگريون!

جانان! هيڪر آۓ، دوري ٿي ماري،
هينئون توبن هر گهڙي، هنجهون ٿو هاري،
سانئڻ! تو ساري، ڏکيا گذرن ڏينهڙا.

آهن ڪوڙ، اتاوليون، تو جيئن ڪائي ڪانہ!
سمند سراپا جان، تڙ جيان پيون ڪامٽيون.

سڪي! پاسي اوپرو، توري ۽ هر ڪو پند.
تو جا ساهہ سڳند، مون پل وسري ڪينڪي!

سائڻ! ڇنجي ڪيئن، توسان ڪهڙو مون رشتو؟
لمحا چند رفاقتون، خوشبو جو جهونڪو!
ها پر هڪ جلوو، نانَو هزارين نيندي جا.

سائڻ! ميان ڪيئن، تنهنجي آءُ دوري؟
پوريان پَسن اکيون، اُپٽيان تون هنئين،
تون مون سين ائين، جيئن ساهه سرير ۾.

جانان! چاهي عشق؟ اڳ نه ڪڏهن ڄاتو!
توسان جو ناتو، سڀ پروڙيم سرمدي.

جانان اُڀ مٿي، جئين ننڊاڪو چنڊ،
ائين منهنجون اکڙيون، اٿئي پهر اَکنڊ،
تون سراپا سمنڊ، آءُ پياسو بوند جو.

سائڻ! تون نه امرتا، نه ئي آءُ امروز،
ها پر تنهنجو سوز، ساحر جان مون ساهه ۾.

سائڻ! منهنجي پياس ۾، اڻ ڄاتي آ آڳ،
اکين ننڊ اَجهاڳ، پنبڻيون تڙپن تات ۾.

جانان! جونو جڳ، تو سڱ هڪڙو سپرين!
ازل کان ئي اڳ، توسان رشتو روح جو.

جانان! آدم جئين، حوا تون منهنجي،
اکيون سراپا آيتون، سرير سُرڳَ جيئن،
تون عبادت هنئين، پيو جڳ مڙئي جوڳ جو!

سکي! هر پل ٿي هُري، تنهنجي مون ۾ تات،
جيئن هو تند تنبور جي، آڱر لرزي لات،
تئين مون هر ڪا بات، وِرد - وظيفو تون پرين.

سکي! انت نہ ڪو، عشق اٿانگو پند!
ڏوريئي ڏکن هڏڙا، سُتي چِڪن سَنڌَ،
ايءُ پروڙن رِند، روڳ جنين جي روح ۾.

سکي! توبن ڪيترو، اوکو آ جيون!
•سامهون جو درپن، توريءَ پاسي اوپرو.

سکي! آءُ تہ اوريان، توسان اندر اُڪير،
تون جا اتر هير، مون من ماندو مُند جئين.

•جانان! آرنب تنهنجو، موتئي مهڪارون،
سرتي! تو سارون، مون پل وسرن ڪينڪي.

• درپن = آئينو، آرنب = جواني،

جانان! جيون ائين، گل تي ماڪ ڦڙا،
تنهنجا قرب ڪڙا، ”پيار پناهون چانورا“.

• سکي! سَنڌ ڏينهڙا، سرهيون چند سمرتيون،
مون توسين صحبتون، وسري وسرن ڪينڪي.

سانئڻ! آر نہ پار، سِڪ سراپا سمنڊ،
مونکي موهي مَنڊ، سدا سنڌءِ سونهن جو.

چانڊوڪي تون چنڊ، تون ئي چين چڪور،
تون ئي هنئين هُور، تون ئي راحت روح جي.

• سانئڻ! سونهن سمونڊ مان، سِپي ڪا سُوجهان،
اڄ اڄ منهنجي آرزو، تنهنجا نيڻ چمان،
توبن چندر مان ، آءُ تنل تند رباب جي.

تنل تند رباب جي، تو بن آءُ آهيان،
سانئڻ! ڪيئن ڳايان، توريءَ نغمو نينهن جو؟

سانئڻ! تنهنجون سارونيون، سرَ تي اُجرا هنجھ،
تورا دوري آهنج، رُتِ پنيون پيون راتڙيون.

• سمرتيون = يادون، سُوجهان = تلاشيان، سَنڌ = رشتو

ڪڏهن تند ڪتار جي، ڪڏهن قرب ڪڪوهه،
ڪڏهن نيڻ نند جا، ڪڏهن رمتو روح،
ڪڏهن سج صبوح، سانجهه ڪڏهن آ آدمي!

تون جي نيڻ نند جا، آءٌ ازل جو خواب،
رڳون سڀ رباب، حُسن حقيقت هيڪڙو.

سائڻ! تون جي خواب، آءٌ نيڻ نند جا،
تون ئي منهنجي جيءُ ۾، جيئن مهڪ گلاب،
تون ئي روح رباب، تون ئي راحت راڳڻي.

سڪي رُت بسنت جي، تنهنجي آئي ٻانيان،
ٻلي تو پايان، ٻانهون موتئي هار جيئن.

سڪي! رات پڙهيم، ويٺي تنهنجي شاعري،
ٻانيم ڄڻ ساحري، منهنجي آس پاس هئي.

جانان! توبن آءٌ، ڄڻ اڌورو آهيان!
ٻولا سندا ڏينهڙا، جي تو ساڃاهيان،
آءٌ ائين ٻانيان، سپني تون ئي ساٻيان.

سڪي! راهه گلاب جيئن، آئي تو مَهڪي،
مُرڪي هر مڪڙي، ٽِڙي ٽانگر گل تي.

مِٺي! رنگ محل، آ جيون جي جڳ ۾!
موهت خود مصور، ماٺهو موتئي گل،
پريت انوکو پل، کو ڇاٺو ڇاٺي ڪينڪي!

جانان! جيون دشت، اڳ هو ائين ڇاتو،
توکي جو پاتو، مهڪي راهه گلاب جيئن.

سکي! رڻ ۾ جيئن، متان ڪکر ڇانو،
ائين پڻ سنڌ ناتو، مون لئه ڇپر ڇانورو.

جانان! رڻ ۾ جيئن، هرڻ ڪوئي پياسو،
• مون پڻ هِردو ائين، وُلڻيءَ وارياسو،
• وَنين وِماسو، درشن تنهنجي ديد جو.

سانئڻ! جيئن هو سمنڊ، تيئن هي پيار پڙاءُ،
توسان جيءَ جڙاءُ، انت نه جنهن جي آر جو!

سکي! انت نه آر، پياس انوکو پنڌ،
جيون ماڻيءَ منڊ، ازل پياڪو آدمي.

• وَلين = اکين، وِماسو = انتظار، هِردو = دل

جيئن هوءَ گل تي ماڪ، تيئن هي پل پريت جا،
• اکيون اوجاڳيل تاڪ، آ من پياسو مرگهه جان.

• سکي! تنهنجو روپ، ڳهڻو چنڊ آڪاش جو،
• موتئي مهڪي ڌوپ، تو جي وار وکيريا.

جانان! جيئن هوءَ رات، چنڊ بنا بي نور،
تيئن پڻ منهنجي ذات، توبن ٻُسي جڳ ۾.

مون جي اڱڻ پوکيا، ميندي رتا گل،
هيڏا ڇا لئه هُل، لوڻيءَ لوڪ مچائيا؟

سرتي! پوندئي ڪَلَ، مون پڇائون موهه جي،
ڳوڙهن ڀنا ڳل، اگهي اگهندين ڪيترو؟

اڀ ۾ ڪڪر ڪامٽي، مون تي سنڌ زلف،
تنهنجي ٻانهن ڪلف، ڪيڏو مون قابو ڪيو!

توريءَ منهنجو ساهه، ڀي ڏي ڇڪجي چو نه ٿو؟
واهوندي جي واءُ، مون گل ڪيئي گود ۾.

• مِرگهه = هرڻ، ڌوپ = خوشبوء، ڳهڻو = زيور

تنهنجون سارون سانوري! مون من هيڪارون،
ڪيڏيون بهارون، تنهنجي آئي آئيون!

تو جو اچي اوچتو، هتين ڏڪيا نين،
مون من توکي سين، ڪئين سجاتو پل ۾!

سارا رستا سُڌِ جا، آهن اجايا،
مايا ٿي ڇايا، روپ نرالو نينهن جو.

سانئڻ! تنهنجي سار، هنئين هيڪارون!
آيون بهارون، مون گهر آئي تو متي.

مهڪ موتئي جيئن، تنهنجو روپ گلاب،
تون ٿي جاڳ جيءَ جي، تون ٿي نيڻن خواب،
تون ٿي سڀ ثواب، عشق، عبادت، آرزو.

سانئڻ! سارو سچ، هڪڙو پل پريت جو،
ڪوڙ ڪسارو ڪچ، باقي جيون جڳ ۾.

تنهنجو موهه مچ، منهنجي پياس پتنگ،
سانئڻ! تنهنجو سنگ، وسريو وسري ڪينڪي!

ساڳي مٽيءَ سرجيو، سائڻ! پنهنجو سرير،
سڌڙين سُرت نہ ساهہ جي، نہ وسوڙن ويساهہ،
عشق سمنڊ اٿاهہ، گهاتو چاڙن گهور کي.

رُت پني رابيل جي، سرتي! تنهنجا رنگ،
جهڙا تنهنجي رنگ، تهڙا جوين ڏينهڙا.

تنهجا روپ هزار، تون ساپيان، تون سپنو،
گونجي منهنجي جيءَ ۾ تنهنجي تند تنوار،
سائڻ! تنهنجي سار، رُت پني رابيل جي.

ساڳي مٽيءَ سرجيو، سائڻ! پنهنجو سرير،
تون جي سڳند هير، آءُ آغوش عشق جو!

آءُ ڏاڍو رج ۾، پيتڪي تَکو هان!
آءُ گهڙي آغوش ۾، تنهنجي تَکَ پيچان،
الائي پوءِ جانان! جيئڻ گهٽا ڏينهڙا؟

سدا منهنجي ساهہ کي، سائڻ! تنهنجي سار،
هنئين مون هبڪار، نيٽين نند نہ آئڙي.

سکي! روح رباب، سرير آڳر سوز جي،
تند انوکو تاب، ساهہ سراپا سرمدي.

سکي! رات اماس، هو ڪينجهر ڪنارو،
• ڪٿي هير هنج ۾، آئي نوتو نيارو،
سڳنڌ ٿيو سارو، هر لمحو تنهنجي سار سان.

هينئون نه منهنجي هٿ، نه مون وس وِماس،
سکي! منهنجي روح ۾، تنهنجي طلب تاس،
جيئن هو چنڊ آڪاس، تيئن تون منهنجي چاهه ۾.

سڀ ڪجهه ناهي سپير، مٿي مايا روپ،
جانان! راحت هير، هرڪي پل پريت جا.

جانان! منهنجي جان جو، آهين تون رباب،
تون ئي منهنجو خواب، تون ئي منهنجي ساڀيان.

اچ اچ منهنجي آرزو، تنهنجا نيڻ چمان،
ڳلي لائي ڳالهڙيون، توسان ڪي ڳرهيان،
هينئون هنج ڪريان، مٺي! مون وٽ جي اچين.

اونداهي ۾ چنڊ، تيئن تون منهنجي آرزو،
موهيو موهي مند، سکي تنهنجي سونهن جو.

• نوتو = پيغام

جيئن هو سرَتي هنجهہ، سانئڻ! تنهنجي سونهن،
موتي سپي منجهہ، تيئن تون مون لئہ موهڻي.

• سانئڻ! سونهن سمونڊ، پياس انوکي پُرش جي،
اکين ننڊ اگهنڊ، آئت ريجهي ڪينڪي!

جانان! جونو جڳ، نينهن انوکو نياڻ،
پوري! پانئج ڪينڪي، تون اجايو پاڻ،
جيئن هو موج مهراڻ، تيئن هي حوين ڏينهڙا.

تون جي نيڻ نينهن جا، آءُ سراپا سوز،
آءُ سندءِ امروز، تون امرتا روز متي!

• تون ٿي منهنجي موهہ جي، آهين مجذوبي،
پيون بہ ڪيئي ڪامڻيون، مُنهن جون محبوبي،
توءِ جا خوبي، ڪنهن ۾ پَسان ڪينڪي!

سانئڻ! پاسي اوپرو، سدا توريءِ ساهہ،
هيڪر اوري آءُ، سليان سُپنڌ ڳالهڙيون.

• پُرش = مرد، مجذوبي = چريائپ



هر شاعر آزاد آهي، تہ هُو پنهنجن خيالن جي اظهار لاءِ ڪنهن بہ صنف جي چُونڊَ ڪري. اِن ڏس ۾ هن تي ڪابہ پابندي ناهي. ادبي دنيا ۾ هڪڙي راءِ آهي، تہ ڪنهن ڳوڙهي فڪر يا ويچار کي مڪمل طرح بيان ڪرڻ لاءِ نظم بهترين صنف آهي. نئين ٽهيءَ جي سَجاڻ شاعر فياض لطيف بہ پنهنجي فڪري اظهار لاءِ ٻين صنفن جي ڀيٽ ۾ نظم کي اوليت ڏني آهي. سندس نظمن جي وڏي خوبي اها آهي، تہ اهي پڙهندڙ کي هڪ سحر ۾ وڪوڙي ڇڏين ٿا ۽ پڙهندڙ خاموشيءَ سان لفظن جي لهرن ۾ لڙهندو ٿو وڃي ۽ آهستي آهستي هُن تي خيالن جون دريون کلنديون ٿيون وڃن.

فياض لطيف پنهنجي شاعري جي اُٺت ڪيترين ئي اهڙين اثرائيتين تشبيهن، استعارن ۽ ترڪيبن سان ڪئي آهي، جيڪي ظاهر ڪن ٿيون، تہ فياض لطيف ۾ هڪ سٺي ۽ منفرد شاعر جون سيئي خوبيون موجود آهن. سندس شاعري ۾ نواڻ ۽ تازگي آهي ۽ اهوئي تخليقي گس هن کي اڳتي وٺي ويندو.

ادل سومرو



شاعري احساسن جي خوشبو آهي ۽ اها خوشبو جڏهن سماعتن ۾ سانتيڪي ٿيندي آهي، تڏهن دل جا دوار کُلي ويندا آهن. نيڻ مرڪي پوندا آهن. مون فياض لطيف جي نيڻن ۾ اها چمڪ ڏٺي آهي. ها، مون سندس دل جي صحن تي اداسي جي پرندن کي لهندي بہ ڏٺو آهي. اداسي، جيڪا من جي موسمن کي نئي مَنائي ڇڏيندي آهي. فياض جتي ڪنهن حسين مرڪ تي موهت ٿيو آهي، هن کي جتي ڪنهن جي اکين جي الماسن گهايو آهي، اتي سندس من ۾ درد جو ڪنڊو بہ هُريو آهي، پر سچ تہ ان درد ۽ پيار جي انتها ئي سندس وجود جا سمورا خال پُر ڪيا آهن، کيس مڪمل ڪيو آهي. هن جي سموري شاعري سندس دل جو داستان ۽ روح جي پُرسوز صدا آهي.

احسان دانش




سورهه سنڌي ادب



صاحب خان ·سورهه· ميرائي

Cell No: 0344 3919786
0300 3404488